www..sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

جاڳ او ٻالڪ جاڳ

(ٻارن لاءِ شاعري)

گوهر سنڌي

سونهن پبليڪيشن پريالوءِ خيرپور

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

جاڳ او ٻالڪ جاڳ

(هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ)

ڪتاب جو نالو:جاڳ او ٻالڪ جاڳ(ٻارن جي شاعري)
شاعر: گوهر سنڌي
تعداد: 500
ڪمپوزنگ: آصف ڪمپوزرس لکي ضلع شڪارپور
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: عرفان منور ميمڻ، حاجي عبدالحق سومرو
ٻانهن ٻيلي : سميع سجاد ميراڻي، سارنگ لطيف سومرو، فيصل علي
ڇپائيندڙ: سونهن پبليڪيشن پريالوءِ ضلع خيرپور، سنڌ
ملهه: 80 روپيه
سال : 2014ع

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (353) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”جاڳ او پالڪ جاڳ“** محترم **گوهر سنڌي صاحب** جي ٻارن جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

هي ڪتاب سونهن پبليڪيشن ، پريالوءِ/خيرپور پاران 2014 ۾ ڇپايو ويو. ڪمپوزنگ آصف ماڪو صاحب ڪئي آهي. اسان ٿورائتا آهيون سميع سجاد ميراڻي صاحب جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساجاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اداري طرفان

سنڌ سونهاري ٻين خطن جيان علم ادب ۾ پاڻ ڀري رهندي پئي اچي ۽ شعر وسخن ۾ پاڻ ملهائيندي پئي اچي. سنڌ جا عالم، اديب ڏاها ۽ شاعر پنهنجي تخليقي سگهه ذريعي سنڌي ادب جي خدمت ڪندا پيا اچن. اهڙي طرح انهن اديبن، شاعرن مان اسان جي سنڌ ڌرتيءَ جي مٽيءَ مان گوهيل ۽ مٽيءَ جو مان اونچور رکندڙ گوهر سنڌي به هڪ آهي. جنهن ادبي ڪيتر ۾ نثر سان گڏوگڏ نظم ۾ به نالو ڪمايو آهي. خاص طور ٻارڙن لاءِ شاعري ۾ ته ڪمال ڪيو اٿس.

تازو سونهن پبليڪيشن پريالوءِ (خيرپور) جي طرفان سال 2014ع ۾ صوفياڻي شاعري جو مجموعو ”نينهن ڪيونروار“ عورتن جي حقن جي حوالي سان شاعري مجموعو ”چنڊ روئي ڏنو“ ان کان علاوه غلام محمد غازي جي شاعري جو مجموعو ”تند تنوار“ ۽ گوهر سنڌي جي ٻارڙن لاءِ لکيل شاعري جي مجموعي ”جاڳ او پالڪ جاڳ“ جي پهرين ڇاپي جي گهٽي ڪاميابيءَ کان پوءِ ٻارن جي شاعريءَ مجموعو ”جاڳ او پالڪ جاڳ“ سنڌ جي ٻارڙن ۽ سنڌ والدين جي گهٽي گهرج مطابق واڌارو ۽ سڌارو آڻيندي، 96 صفحن مان وڌائي 112 صفحن تي مشتمل ڪيو آهي ۽ هڪ دفعو ٻيهر سونهن پبليڪيشن پريالوءِ (خيرپور) طرفان ڇپايو ويو آهي. مون کي اميد آهي هي ٻيو ڇاپو اوهان کي اڳين ڇاپي جيان پسند ايندو. جنهن مان اسان جي سنڌ جا سهڻا ٻالڪ سندس شاعريءَ مان گهڻو حظ حاصل ڪندا.

وڌيڪ پڙهندڙن تي ٿو ڇڏجي ته هو پنهنجا خيال ۽ رايا ڪيئن ٿا پيش ڪن. اسان کي اوسيئڙو رهندو.

سنڌ سلامت — اوهان جو پنهنجو
سات سلامت — سميع سجاد ميراڻي

چيئرمن
سونهن پبليڪيشن (پرياوءِ) خيرپور
0301-3431537

10-10-2016

ستاءُ

اداري پاران ....

پنهنجي پاران.. گوهر سنڌي

اديبن، شاعرن جا ويچار

مهاڳ: ننگر جي ٻاتن ٻولن جهڙا نظم..... .... آزاد بخاري

گوهر جي شاعري ۾ ٻارڙن لاءِ ونڊر....... .... غلام محمد غازي

ٻارن جي شاعري جڻ موتيءَ جا داڻا.... .... احسان لغاري

ٻارڙن لاءِ گوهر, اخلاقي شعوري ۽ سنڌ دوستي جا سبق ڏنا آهن... استاد راهي

ٻارڙن جي معصوم جذبن جهڙو شاعر.................... حاڪم مهر

گوهر سنڌي ٻاراڻي شاعري ۾ نواڻ آندي آهي.......... حاڪم گل

(1) التجا

(2) سنڌ جو شان

(3) پٽائيءَ جو شان

(4) سچل سارو سچ

(5) سامي سندا سلوڪ

(6) راڳ جو راڻو

(7) سنڌ امڙ جا نيڻ تار

(8) سنڌي ٻولي، قومي ٻولي

(9) موهين دڙي ٻڌو ڪهاڻي

(10) سنڌي الف ب جا ٻاراڻا ٻول

(11) شڪارپور جو سير

(12) گيت خوشيءَ جا ڳايو ٻارو

(13) آءُ تہ جڳ ۾ پيار ورهايون

(14) سنڌي ٻار

(15) سالگرهہ

(16) جاڳ او ٻالڪ جاڳ

(17) طوطو

(18) پيارا ٻار

(19) لولي

(20) ديس جا ٻار

(21) ڏون جو ڪوڙو

(22) چڙيا گهر

(23) لطيف سائين

(24) پياري سنڌ

(25) وچن

(26) استاد

(27) سنڌو پيارو

(28) ٻارڙن جي ٻاري

(29) سونهن سراسر ساري سنڌ

(30) گڏڙي

(31) مهراڻ جا تارڙا

(32) پوپٽ جهڙا ٻار

(33) پيارو لطيف

(34) اسڪول ڏانهن وڃو

(35) امڙ جي لولي

(36) ڪوڙ کان نفرت

(37) ديس جو جوڌو

(38) ڪتاب

(39) اميد

(40) سچ تہ ٻينو نچ

(41) وقت

(42) گهوڙو

(43) وقت نہ ڪندو انتظار

(44) اسڪول وڃن ٿا

(45) چئو ستا

(46) سنڌ الف بي پٽيءَ جا ٻہ ستا

(47) فلسطيني ٻار جا خواب

(48) سنڌي ٻار جا سپنا

(49) جنم ڏڻ

(50) ٻار ڪائنات جي سونهن

(51) سڪون

(52) هائيڪا ٽيڙو / تہ ستا

(53) ٽيڙو پٽي

ٻارن لاءِ شاعري ۾ سگهارو نانءُ........................... ساگر محمد حسين

گوهر سنڌي گهڻ پاسائين شخصيت.................. سميع ساجد جوٽيجو

اُڀ تي جڻ هي تارا آهن..................................... وحيد محسن

سنڌي ٻاراڻي ادب جو خوبصورت شاعر .... عبدالحئي پتو

آدرشي جذبن سان زندگيءَ جا پل گهاريندڙ شاعر...... در محمد مهر

(54) گلن جي ڳالهين جون دليون پٽر جون ٽيون وٻون..

گوهر سنڌي ۽ ٻارڙن جا ٿهڪ.............................. خواجا ذوالفقار

پنهنجي پاران

اها حقيقت آهي تہ ٻاراڻو ادب ڪنهن بہ ٻولي جو هڏي، بنيادي حيثيت رکي ٿو. اسان جي ٻولي ۾ بلڪ دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ ادب جا ٻہ حصا ٿين ٿا. هڪ نظم ۽ ٻيو نثر وارو حصو.

سنڌي ٻوليءَ جي اوائلي صورت جاچيندا سين تہ اسان کي جيڪا پهرين صنف ادبي حيثيت ۾ ملي ٿي اها نظم ۾ آهي.

هڪ تحقيق مطابق ”سومرن ۽ سمن جي دؤر کان ڪلهوڙن جي دؤر تائين سنڌي ٻولي ۾ ڪو بہ اهڙو ناليوارو نثر ۾ شايع ٿيل ڪتاب نٿو ملي. اوائلي دؤر کان وٺي اڄ تائين ٻولي جي نظم وارو انداز ماڻهن جي مزاج تي وڌيڪ اثر انداز ٿئي ٿو.

نظم وارو حصو تعليم جي عمل ۾ ٻار جي مزاج کي وڌيڪ متاثر ڪري ٿو. انهيءَ ڪري ٻار درسي ڪتاب ۾ نظم وري حصي ۾ وڌيڪ دلچسپي رکي ٿو.“

اڄان بہ مون سميت سيني ڏات ڌڻين کي اها شڪايت اهي تہ ٻاراڻي ادب ۾ اهو واڌارو نہ اچي سگهيو آهي. جيڪو اچڻ گهرجي، اهڙي واڌاري ۾ نہ وري ڪي وڏا اديب دلچسپي وٺڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ نہ ئي ڪا ڪوشش ڪري رهيا آهن.

ٻارن جي ادب ۾ هي پاسو جڻ خالي ٿو نظر اچي. ان حوالي سان ڪوڙ سارو بحث ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن ڪوشش ڪبي تہ ڪيترائي مسئلا آهن جيڪي سنجيدگيءَ سان حل ڪري سگهجن ٿا. خاص ٻارن جي ادب لاءِ ڪو بہ اهڙو ادارو هيل تائين نہ جوڙيو ويو آهي. جنهن سان ٻاراڻي ادب جي واڌ ويجهہ ٿي. ها باقي انفرادي طور هر هڪ سڄاڻ، اديب، شاعر ان کوٽ کي پوراءُ ڪرڻ جي جاکوڙ ۾ آهن.

ٻارڙن لاءِ شعر لکڻ ڪو سولو ڪم ڪونهي، ٻارن سان ٻار ٿي،تخليقڪار کي ٻار جي ذهني علمي ضرورتن کي ذهن ۾ رکي

گيت، نظم لکڻا پَوَنِ ٿا. اها هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ڪونهي، مون ٻاراڻي ادب ۾ نظم لکي هڪ وک کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

آءٌ ٻارڙن لاءِ هي تخليقي پورهيو ٻارڙن جي لاءِ ٻول لکي ڪا وڏي دعوا تہ ڪونہ ڪئي آهي. البت هڪ استاد، هڪ اديب، هڪ شاعر جي حيثيت من ۾ تڙپ، هڪ اميد، هڪ پيغام ايڪي، الفت، چاهت جي منفرد انداز ۾ سنڌ جي مستقبل، سنڌ جي آئيندي، سنڌ جي گلڙن جهڙن ٻارڙن کي جاڻ ڏيڻ جي جستجو ۾ واڌارو ڪيو آهي. شاعري اندر قومي شناخت، سنڌ، سنڌي، شاهہ، سچل، سامي شناسيءَ سان گڏ سنڌ جا ماڳ مڪان ٻولي لولي ڏئي ويو آهيان. سموري شاعريءَ اندر ٻارڙن جي ذهن جي عڪاسي ٿيل آهي. مون ڪوشش اها بہ ڪئي آهي تہ سنڌي ٻارڙن کي انتها پسندي ۽ غلط سوچ جي لاڙي کان واقف ڪريان ۽ انهن کي سنئين دڳ لائي سگهان ۽ صحيح نشونما ڪندي سائنسي سوچ ۽ سماجي ۽ قومي جاڻ ڏيان. تہ جيئن غلط رستي تي نہ هليا وڃن. ٻار قوم، مستقبل معمار ۽ آئيندي جو ابو آهي. تاريخ، تهذيب روايتن، فن، موسيقي ۽ ادب جا وارث آهن. سندن بهتر ذهني نشونما لاءِ نصاب سان گڏ غير نصابي سرگرميون تمام ضروري آهن. ٻارڙن جي خواهشن ۽ سوچن تي پورو لهڻ والدين ۽ استادن سان گڏ سماج جو بہ فرض آهي. جيئن هن دؤر ۾ ٻارڙا همت ۽ محنت سان پنهنجي صلاحيتن کي مڃائي سگهن.

اسان جو سنڌي معاشرو ٺيٺ جاگيرداري، انتهاپسندي، بنياد پرستي، تهم پرستي، نسل پرستي ۽ طبقاتي تعليمي نظام جو ڪُنَ ۾ غوطا ڪائي رهيو آهي. اهڙي حالت ۾ سنڌ امڙ جي نيڻن ٺارن جا سپنا اٽپورا آهن. سنڌ جي صورتحال، لسانيت، ذاتيات، طبقات، فرقيواريت، انارڪيت، وڏيرا شاهي، بيروزگاري، بدامني، ڌارين جي يلغار پنهنجن ئي شهرن ۾ اوپرائيپ، خودڪشي، قتل وغارت، ڌاڙا ڦرون، قبضا گيري، داداگيري، عورتن ۽ معصوم ابهم ٻارڙن جو قتل

عام تشدد, احساس محرومي, بي راهہ رويي, چائيلڊ ليبر جهڙو ماحول ۾ اڪثريت رکندڙ ٻهراڙين ۾ غريب هارين, نارين جو اولاد جديد تعليم پرائڻ تہ پري رهيو صرف پنج درجا پرائمري پاس ڪرڻ وڏو مسئلو آهي جو تہ اسڪول آهي تہ بلڊنگ آهي. تہ اها وڏيرن جي وٿاڻ طور استعال ٿئي ٿي. تعليم قومن جي شهہ رڳ آهي, اها رڳو ماستر, والدين, داعويدار تنظيمون, سرڪاري عملدار ۽ تعليم دشمن گهري سازش هيٺ تباهہ ڪري رهيا آهن.

هن وقت سنڌي قوم کي تعليم, اتحاد, سهپ, ڀائيچارو ئي بچائي سگهي ٿو. سنڌي ٻارن جون اميدون تڏهن ئي پوريون ٿي سگهن ٿيون.

انساني شعور, ڏاڻ, ذات جي آبشار مان وهندڙ خوبصورت موتين جيان, لڙهون ناهي مٺڙ آواز ۽ انهن جي وهڪرن ۾ شفاف چانڊوڪي جي چمڪندڙ ڪرڻن تي رقص ڪندڙ لهرون زمين تي ائين ئي جهومڻ لڳنديون آهن. جيئن ڌرتي جو درد رکندڙ شاعرن جي شاعري ٻاتن ٻولن سان ڳائي سگهجي. ڌرتي تي رات جي ٽمڪندڙ تانداڻ جي جڳمڳائيندڙ روشني جيان شاعريءَ جا عڪس هجڻ گهرجن.

مون جاڳ او ٻالڪ جاڳ: شاعري ۾ نظمن جا جيڪي بہ عنوان ڏنا آهن اهي سنڌوءَ جي چيڪي مٽيءَ جي هڳاءُ جهڙا آهن. خاص نظم آزاد نظم, چوستا, هائيڪا, ٽيڙو تہ ستا ڏنا آهن, جنهن ۾ ٻارڙن جي زندگيءَ جي عڪاسي چٽي آهي. ان کان علاوه ٽيڙو پٽي ۾ الف, ب جا ٻاراٽا ٻول جيڪي, "الف" کان "ي" تائين باتصويرون ڏنل آهن, جيڪي ٻارڙن جي دلچسپيءَ جو سبب ضرور بڻبا.

پوپٽ, گل ۽ خوشبوءِ ٻارڙن لاءِ بيحد ڪشش جو باعث آهن. انهن جا مختلف رنگ ٻارن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺن ٿا. ان ڪري شاعري لاءِ گلڙن جهڙا گيت, نظم ئي لاڀائتا ٿين ٿا.

سنڌي ٻار جا خواب ضرور پورا ٿيندا جڏهن ائيندو روشن هوندو. دنيا جي ٻارڙن جي پيٽ ۾ سنڌ جو ٻار اڳتي آهي پر انهن کي

ماحول ڏيڻ جي ضرورت آهي, هر باشعور اديب شاعر, استاد جو فڪر, فلسفو بہ اهو ئي ٻانور ٿو ڪرائي تہ سنڌ ايندڙ مستقبل جو ترقي ۾ آهي.

آءُ انهن شعوري ساٿين (شاعرن, اديبن) غلام محمد غازي, آزاد بخاري استاد راهي, سميع جوٽيجو حاڪم مهر, غني غمدل, حاڪم گل, وحيد محسن, عبدالحي پتو ساگر محمد حسين مهر, احسان لغاري, محمد حسين مهر (چڪ) ڊاڪٽر ادل سومرو ۽ خواجا ذوالفقار جو نهايت شڪر گذار آهيان جن منهنجي ٻارن جي شاعريءَ جي ڪتاب "جاڳ او ٻالڪ جاڳ" تي پنهنجي قيمتي, سونهري رايا ۽ مشورا ڏنا جيڪي لاڀائتا بڻيا ۽ هن ڪتاب جي سونهن ۾ اضافو آندو. خاص پياري اديب, شاعر سميع سجاد ميراڻي جو نهايت ئي شڪرگزار آهيان ۽ اهو احسان ڪڏهن نہ لاهي سگهندس جو هن ٻارن جي شاعري "جاڳ او ٻالڪ جاڳ" کي گهٽي گهرج (ڊمانڊ) تي ڪتاب کي نئين رنگ ڍنگ واڌاري ۽ سڌاري سان هڪ دفعو ٻيهر شايع ڪرايو ۽ ٻاراڻي ادب ۾ اضافو ڪيو آهي. وڌيڪ پڙهندڙن تي ٿو ڇڏجي تہ اهي ڪيئن ٿا پائين ۽ پنهنجي خيالن ۽ راين کان آگاهہ ڪن.

ساٿ سلامت،
سنڌ سلامت.

هوشوءَ جو گهر رستم
03068338267
03128560818

سدائين گڏ

گوهر سنڌي

سيڪريٽري
سنڌي ادبي سنگت سنڌ شاخ رستم
ضلعو شڪارپور سنڌ.
مرڪزي صدر: ٻالڪ ادبي فورم سنڌ.

ننگر جي ٻاتن ٻولن جهڙا نظم

محترم گوهر سنڌي جي گهڻي وقت کان اها خواهش هئي تہ هو ٻارڙن لاءِ پنهنجي شاعري سهيڙي ڪتابي صورت ۾ منظر عام تي آڻي. 85_1984ع ۾ سنڌي ٻارڙن جي علمي ادبي تنظيم ، لطيف سنگت سنڌ مان جڏهن ضلعي شڪارپور جو نگران هيس تہ گوهر سنڌي اسسٽنٽ نگران هيو. بعد ۾ مان جڏهن لطيف سنگت سنڌ جو مرڪزي نگران ڪائونسل جو جوائنٽ سيڪريٽري ٿيس تہ هي ضلعي شڪارپور جو نگران ٿيو (ياد رهي تہ سنڌي ٻارڙن جي هن علمي ادبي قومي تنظيم لطيف سنگت سنڌ کي متحرڪ ڪرڻ ۾ محترم سرور سهتي صاحب جو وڏو ڪردار هو جيڪو ان تنظيم جو (مرڪزي نگران اعليٰ هو). ٻارڙن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ گوهر ڪيترائي پروگرام ڪرايا. شاخن جا تتيءَ تڏيءَ دورا ڪرڻ، پروگرامن جو هڙان وڙان خرچ ڪرڻ ۾ هن ڪڏهن نہ ڪيٻايو. ٻارن جو تربيت ۽ سجاڳي لاءِ جيئن هن لطيف سنگت سنڌ ۾ عملي ڪردار ادا ڪيو تيئن هن شاعري ۾ ٻارن لاءِ شعر جوڙي انقلابي ڪردار ادا ڪيو آهي. گوهر ٻارن لاءِ جهجهي شاعري تہ ڪونہ ڪئي آهي، پر جيڪا ڪئي اٿس انهيءَ جو محور سنڌ آهي.

سنڌ سان لاڳاپيل موضوع سنڌ سنڌي ٻولي، شاهہ سچل سامي، سچ، سونهن، ڪنور ڀڳت، ٻاراٽا ٻول، ٽيڙو ٻٽي، علم ادب، ماڳ مڪان، درس وتدريس سندس شاعري جا عنوان آهن. هن ڪتاب ۾ ڏهاڪو کن نظم گوهر سنڌيءَ سنڌ جي تعريف ۾ لکيا آهن. جڏهن تہ ڪتاب جي شروعات هڪ نثري نظم سان ڪئي آهي. جنهن ۾ هن پنهنجي ديس سان گڏ سڄي دنيا جي ملڪن جي خيريت گهري

آهي. هن شاعريءَ جي شروعات بہ ٻارن جي شعر (نظم) سان ڪئي هئي سندس پهريون شعر سال 1986ع ۾ هلال پاڪستان اخبار جي ٻارڙن واري صفحي "گلن جهڙا ٻارڙا" ۾ شايع ٿيو هو.

هونءَ تہ سنڌ ۾ ڪيترن ئي شاعرن ٻارڙن لاءِ لکيو آهي. پر گوهر سنڌ ٻارڙن لاءِ ڪيل شاعري ۾ وطن پرستي کي اوليت ڏئي جڻ وقت جي جابر علاؤالدين خلجي جي هانوَ تي سنڌ جي هر ننڍڙي سپوت ننگر جي ٻاتن ٻولن جي ذريعي مُڪ ڏريا آهن. واقعي هي وقت آهي تہ اسان پنهنجن نوجوانن ۽ ٻارڙن ۾ ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ وارن سان محبت پيدا ڪرڻ جو ٻج ڇٽيون. پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجي قومي رهبرن سان ڪين انسيت ۽ احترام ڪرڻ سيکاريون.

گوهر جي هيءَ ٻارن لاءِ شاعري، رِڌم، رواني ۽ سلاست سان ڀريل آهي. جيڪا اڄ جي ٻارن کي نئين واٽ ۽ نوان ڏڳ ڀيچرا ڏيکاري ٿي. برابري، رواداري ۽ قرب محبت جو درس ڏئي ٿي.

آءُ تہ جڳ ۾ پيار ورهايون،
قرب وڌايون، پاڪر پايون،
پاڻ ۾ تہ سڀ برابر آهيون،
ويڇن جي ديوار کي ڍاهيون،
آءُ تہ جڳ ۾ پيار ورهايو.

ٻارن کي علم، ادب ۽ تعليم جي واٽ ڏيکارڻ استاد جو ڪم هوندو آهي، جيئن تہ گوهر سنڌي پاڻ بہ استاد آهي تنهن ڪري هي ٻارن کي هيٺين ريت نصيحت ڪندي چوي ٿو:

منهنجو تنهنجو آهي ساٿي،
علم ۽ ادب وارو ڪتاب،
انڌيري کي دور ڀڄائي،

جيئن روشن ڪري آفتاب.

يا

منهنجي هڪڙي ڳالهه مڃو
گهنڊ وڳو اسڪول وڃو
پڙهڻ لکڻ ڪان ڪين لنوايو
ٿيندو اوهان جو لايو سجايو.

ڌرتيءَ سان محبت ڪندڙ ۽ ڌرتي لاءِ وڙهندڙ ڪردار ۽ رهبر شاهه، سچل، سامي، دودو، دولهه دريا خان، هوشو، هيمون ۽ سائين جي ايم سيد جي ڪاهوڙي ڪردارن جي سنڌي ماڻهو عزت ۽ احترام ڪن ٿا. ۽ ڪين دل سان نه صرف ياد ڪن ٿا پر فخر به ڪن ٿا. سندن نالو اڄ به زنده آهي. اهڙا سپوت سنڌ جي سڃاڻپ آهن. اهڙن اُملهه انسانن جي جدوجهد جي ياد ڏياري گوهر سنڌي چاهي ٿو ته سنڌ جي سمورن ٻارڙن جي دلين ۾ ديس سان محبتن جي شمعن کي روشن ڪري ڪين سورهيائي ۽ وطن پرستي جو سبق ياد ڏيارجي.

سنڌ جو آهي اعليٰ شان،
ڇو نه ڪيان مان پوءِ بيان،
هن ۾ شاهه پٽائي آهي،
سچل، سامي، سنائي آهي،
هن ۾ هوشو دريا خان.

گوهر جا سمورا نظم پنهنجي مقصد سان سچي هجڻ جا ساکي آهن. جڏهن ته چند مها اديبن جو خيال آهي ته ٻارن جي معصوم دنيا ۾ مسئلن ۽ مونجهارن جا ڪنڊا نه پوکجن. يا اسان کي ڪو حق ڪونهي ته ڪين سياسي، سماجي انقلاب جا سبق ڏيون. جنهن سان مان تمام گهٽ سهمت آهيان، ڇو ته اهي خيال آزاد ۽

ترقيافته قومن جي لاءِ ته صحيح آهن پر جن قومن کي پنهنجي ديس ۾ ڪو اختيار حاصل نه هجي ته اتي وطن پرستي جو ٻارن کي چونه درس ڏيڻ گهرجي. اڄ جو ٻار سڀان جو معمار آهي. جيڪو وڏو ٿي پنهنجي ڌرتي ۽ ٻولي جو محافظ ٿيندو. ان حوالي سان گوهر سنڌي ڀرپور نموني پاڻ ملهايو آهي. هاڻ ٻارن کي راند روند ۽ ناصحانا نظم ڏيڻ کان اڳتي وڌي ڪري ڌرتي ۽ ڌرتيءَ واسين جي اهنج ايذاءَ کان به واقف ڪجي ته وري ڪين امن، اهنسا، رواداري ۽ انسانيت جو به سبق ڏيارڻ گهرجي، گوهر سنڌيءَ ان سلسلي ۾ ٻارڙن کي سٺي شاعري ڏني آهي.

ٽوپين وارا، اجرڪن وارا،
همت وارا پٽڪن وارا،
جوڌا آهن دودا ٿيندا،
سنڌڙي خاطر سرڙو ڏيندا.

يا

گيت خوشيءَ جا ڳايو ٻارو
نينهن وطن سان لايو ٻارو
نفرت نانءُ مٽايو ٻارو
ڪيڏندا ڪڏندا اچو اي ٻارو
ڀڄندا ٻڪندا اچو اي ٻارو.

گوهر سنڌي ٻارن کي نه صرف ديس سان محبت جو درس ڏئي ٿو پر ٻين ديسن جي مظلوم ٻارن جي باري ۾ به ڪين ٻڌائي ٿو ته جيئن فلسطيني ٻارن جا خواب نظم ۾ هڪ عڪس آهي. گوهر سنڌي جو هي سارو پورهيو سنڌي ٻارن لاءِ شاعري جي حسن ۾ اضافي جو سبب بڻيو جيڪو گوهر جي سڃاڻپ رهندو. سندس هي ڪتاب

بہ عنوان” جاڳ او ٻالڪ جاڳ“ سدا بهار رهندو. گوهر جي شاعري جا مقصد واضع آهن, جنهن مان لڳي ٿو تہ هي ٻارن ۾ قومي سجاڳي آڻڻ سان گڏوگڏ کين اخلاق ۽ انسانيت جا هاڪاري قدر بہ سيکارڻ چاهي ٿو تہ جيئن اهي سماج جا ذميوار فرد بڻجي سگهن. هن ڪتاب ۾ گوهر سنڌي ٻارن جي لاءِ راند روند جا نظم ڏنا آهن. جن ۾ گڏڙي, گهوڙو, طوطو, چڙيا گهر, اسڪول ڏانهن وڃو, سچ تہ بيٺو نچ, پوپٽ جهڙا ٻار, اميد, سنڌي ٻار جا سپنا, شڪارپور ۽ سالگرهہ وغيره اچي وڃن ٿا. جيتوڻيڪ اهي موضوع ڪي نوان نہ اهن. پر گوهر سنڌي پنهنجي سٻاجهڙي انداز ۾ انهن نظمن ۾ بہ جان پري ڇڏي آهي. مون کي قوي اميد آهي تہ گوهر جو هي ٻاراڻي شاعري جو ڪتاب يقيناً ٻارن کي پسند ايندو.

آزاد بخاري چڪ

ٻارڙن لاءِ گوهر ۾ اخلاقي شعوري ۽ سنڌ دوستيءَ جا سبق ڏنا آهن

اتر سنڌ جي قبائلي ضلعي شڪارپور جي قبائلي شهر رستم ۾ جنم وٺندڙ ۽ اتي ئي چاليهارو سالن کان رجعت پسند قوتن خلاف ادبي سياسي ۽ سماجي جاڳرتا پکيڙيندڙ قربائيتو شاعر گوهر سنڌي. وڏي وقت کان پوءِ بہ اڄ اهائي سنڌ سان ۽ انهن جي ماڻهن سان سونهن ۽ سچائي، عشق درد دل ۽ دماغ ۾ سانديندو پيو اچي، سماج جي بي راهہ روين، ناانصافين ۽ ناهموارين وڏيڪ حساس طبع بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن جو عڪس سندس شاعريءَ مان ملي ٿو. ۽ خاص نفيس نازڪ ٻارڙن جي لاءِ ٻاراڻا ٻول چڻ ٻارڙن ۾ اتساهہ ٿو پري ڇڏي، ڪوڙ سارا نظمن جا موضوع ٻارڙن ۾ اخلاقي شعوري ۽ سنڌ دوستيءَ جا سبق آهن. جيڪي ٻارڙن جي رهنمائي ضرور ڪندا.

استاد ”راهي“ چڪ

گوهر جي شاعريءَ ۾ ٻارن لاءِ وندر

پياري پاءُ گوهر سنڌيءَ جي ٻارڙن لئہ لکيل شاعريءَ جي پڙهڻ جو موقعو مليو جيئن جيئن نظم پڙهندو ويس تيئن تيئن من کي مزو ايندو ويو. سندس ٻارڙن لئہ ڪيل علمي ادبي پورهيو پڙهڻ وٽان آهي، گوهر جي شاعريءَ کي پڙهي ٻارڙن کي گهڻو ڪجهہ علمي ادبي مواد حاصل ٿيندو. گوهر شاعريءَ ۾ ٻارڙن لئہ وندر جو سمورو سامان سهيڙي گڏ ڪيو آهي. وطن سان محبت, ٻوليءَ سان پيارڏرتيءَ جا ماڳ مڪان، وڻ ٽڻ، پکي، پرنپ، صوفي سنت, استاد, سچ سان ساٿ, ڪوڙ کان نفرت, وقت جو قدر ائين ڪٽي چئجي تہ هر موضوع کي قلم بند ڪيو آهي. گوهر جي محنت کي دوستن بہ ساراهيو آهي. جو ڪجهہ لکيائين چڱو لکيو اٿائين. گوهر جو واسطو شڪارپور ضلعي سان آهي، ان حوالي سان گوهر سنڌي تاريخي شهر شڪارپور کي قلم بند ڪندي لکي ٿو.

اچو اوهان کي سير ڪرايان,
شڪارپور جو شهر گهمايان,

***

هي آهي ” ديوان“ جو هوٽل,
ٿڌڙي قلفي کائون هل, هل.

***

” اَٽ دَرَ“ ۽ ” نائين آ دري“ ,
قديم تاريخ سان پئي آ پري,

***

” دائود پوٽن“ هي شهر اڏايو,
” شڪارگاهہ“ مان شهر ٻڻايو.

حقيقت هي آهي جنهن ۾ شخص سنڌ جي هن تاريخ شهر جو اوج ڏٺو هوندو ان کان اهو صدين تائين نہ وسرندو، هونءَ بہ تاريخ جا ورق سندس سونهن ادبين ۽ شاعرن جي علمي ادبي ذخيري سان ڀريا پيا آهن، ڪاش اهو وقت وري اچي.

ڪتاب ”جاڳ او ٻالڪ جاڳ“ ۾ گوهر ٻارڙن سان هم ڪلام ٿيندي چوي ٿو.

جاڳ او ٻالڪ جاڳ،
خوشين ۾ سنڌ ساري رهندي،
دنيا ۾ سوڀاري رهندي،
سهڻو پنهنجو ماڳ،
جاڳ او ٻالڪ جاڳ.
پلو تنهنجو پاڳ.

گوهر پنهنجي نظم ۾ قومي ٻولي سنڌي ٻولي بابت ڪيترا نہ سهڻا خيال لکيا آهن.

سنڌي ٻولي سهڻي ٻولي،
جنهن ۾ ماءُ ڏني آ لولي،
گڏجي ڳايو هڪ ٿي ٽولي،
سمجهو ۽ سمجهايو پارو.

هي وقت آهي ٻوليءَ بچائڻ جو سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو ها پيار ورهائڻ جو.

آءُ تہ جڳ ۾ پيار ورهايو
قرب وڌايون پاڪر پايون،
ٻاڻ تہ سڀ برابر آهيون،
ويچن جي ديوار ڪي ڊاهيون،

آءُ تہ جڳ ۾ پيار ورهايون.

حقيقت پيار ئي زندگيءَ کي سنواري ٿو، سينگاري ٿو پيار ئي عبادت آهي، پيار ئي راحت آهي.

پيار بنا انسان آ ڪهڙو،
ماڪيءَ بن ماناري جهڙو.

(غازي)

گوهر سنڌي سنڌ ڌرتيءَ بابت هيئن پيو چوي:

دنيا کان آ پياري سنڌ،
سونهن سراسر ساري سنڌ،
چمڪي چنڊ جي چوڏهين وانگر،
روشن جَلوڻ واري سنڌ،
قادر رَک تون قائم هن کي،
ڀَرتي توکي پياري سنڌ.

شاعرن جي سرتاج شاهہ لطيف بہ پنهنجي سنڌ لئہ ائين ئي دُعا گهري آهي.

سائيمَ سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

هر انسان تي فرض آهي تہ پنهنجي ديس سان گڏ پوري عالم لاءِ دعا گهري، خوشحاليءَ، امن آجپي لاءِ دعا آهي تہ گوهر جي علم ۾ اڃان بہ وڌيڪ اضافو ٿيندو. رهندو ۽ ٻارڙن لاءِ خوبصورت گيت لکندو رهندو.

غلام محمد ”غازي“ (عبدو)

ٻارن جي شاعري، چڻ موتيءَ داڻا

سنڌي ادب ۾ جڏهن بہ ڏانءُ ۽ ڏات وارن ڏاهن جي ڳڻپ ڪئي ويندي تہ گوهر سنڌيءَ جو نانءُ بہ انهيءَ صف ۾ اولين نظر ايندو. جن سنڌ جي درد کي پنهنجو درد سمجهي، ڪوتائون، سرجيون، ڪڏهن ڏاڍي جي ڏاڍ خلاف، تہ ڪڏهن ڪاروڪاريءَ جي رسم خلاف. ڪڏهن تہ ٻارڙن جي بنيادي حقن جي حمايت ۽ انهن تي ٿيندڙ جبر خلاف ڪڏهن سنڌ جي ظالم خلاف تہ ڪڏهن حاڪم جي ظلم خلاف. ٻاراڻي ادب طرف گوهر سنڌيءَ جو نئون قدم هڪ وڏي وِٿَ آهي. اسان وٽ ٻاراڻي ادب جو ميدان گهڻي قدر خالي آهي. سواءِ چند سڄاڻن جي جيڪي ٻارڙن لاءِ مستقلي ادب سرجين ٿا.

ٻارڙن لاءِ هن مجموعي ”جاڳ او ٻالڪ جاڳ“ ۾ پاڻ ٻاراڻا ٻول ٻولي ٻارڙن لاءِ گيت ۽ نظم لکيا آهن. جيڪي معنيٰ ۽ معيار جي لحاظ کان موتيءَ داڻا آهن.

آءُ اميد ٿو رکان/ ڪريان تہ گوهر سنڌي اهڙي ريت ٻين ادبي فرضن سان گڏ ٻاراڻي ادب جو فرض نڀائيندو رهندو.

احسان علي لغاري

(حيدرآباد)

ٻارن جي معصوم جذبن جهڙو شاعر

گل، ستارا ۽ ٻار ڪائنات جي سونهن جا حسين منظر آهن. ستارن جي چمڪ کانسواءِ آسمان جي سونهن ڇَسي، گلن جي رنگن کانسواءِ ڌرتي ٻُسي ۽ ٻارڙن جي مُرڪن کانسواءِ انسانيت اَڌورو آهي. ٻارڙن جي اکين ۾ ستارن جهڙي چَمڪ ۽ سندن جذبن ۾ گلڙن جهڙي ڪوملتا موجود هوندي آهي. جهڙي طرح گلن ۾ خوشبوءِ جو سُندر احساس آهي، ائين ٻارن جي معصوم مُرڪن ۽ ٻاتن ٻوتن ۾ زندگيءَ جو وڻندڙ واس آهي. هنن ۾ ئي آئندي جي آس بہ آهي تہ حال جو حُسن بہ.

جيئن جيئن آڪاش ۾ سج جي روشني ڦهلجڻ شروع ٿيندي آهي، تيئن تيئن ستارن جي روشني جهڪي ٿيندي ويندي آهي. سج جي تپش سان گڏ ستارا آسمان مان بلڪل غائب ٿي ويندا آهن. ساڳي طرح ٻار بہ ٿورڙي جهٽڪ ملڻ سان مايوس ٿي ويندا آهن ۽ سندن نفيس من جو گلاب بہ مرجهائجي ويندو آهي. ٿورڙي مُرڪي نهارڻ سان ٻار جو چهرو ٻهڪي پوندو آهي ڇو تہ ٻار هر وقت پيار جو پياسو هوندو آهي تہ سچائي ۽ سادگيءَ جو پتلو بہ.

اهڙن ئي معصوم جزبن جهڙو شاعر گوهر سنڌي بہ آهي. هيءُ نہ فقط اسان جو سلڇڻو دوست بلڪ سڀاجهو انسان بہ آهي. اهڙائي نازڪ جزبن وارا ماڻهو ئي معصوم مرڪن (ٻارڙن) جا شاعر ٿي سگهندا آهن. سندس فن ۽ فڪر کي تہ فنڪار ۽ مفڪر ئي پرکيندا، باقي سندس سهڻي سڀاءَ سادگي ۽ سچائي جا ساکي اسان آهيون هھڙا بي ضَرر انسان مڇر مارڻ تہ پري پرنانگ کي مارڻ بہ پاپ پائيندا آهن.هي ماڻهو نہ فقط انسان دوست بلڪ فطرت جي هر شيءِ سان پيار ڪرڻ وارا هوندا آهن. فطرت ههڙن مَکڻ ماڻهن جي من ۾ ڪوڙ ۽ ڪروڌ، مڪاري ۽ منافقيءَ بدران سِڪَ ۽ سُندرتا، محبت ۽ مٺاڻ جا مَڻَ پري ڇڏيندي آهي. گوهر سنڌي اهڙن ئي مهان ماڻهن جي مالها جو هڪ موتي آهي. ڇا تہ هن جي شخصيت ۾ سندس نالي جو معنيٰ ۽

مفهوم سؤ سيڪڙو سماجي ويو آهي. جو تہ هيرا موتي، لعل ۽ گوهر بہ قيمتي پٿر آهن. گوهر سنڌي بہ هڪ قيمتي گوهر آهي. انهن پٿر آهن. گوهر سنڌي بہ هڪ قيمتي گوهر آهي. انهن پٿرن جي هيئت جهڙو سخت نہ پر قدرجهڙو قيمتي آهي. هيءَ ماڪي ڪان وڌ منو ميٺ ڪان وڌ نرم ۽ گلن ڪان وڌ نفيس ۽ سڳنڌ سان سرشار آهي. مون کي تہ گوهر سنڌي جي مُرڪ ۾ بہ ٻارڙن جهڙي معصوميت محسوس ٿيندي آهي. هيءَ هڪ ٻاجهارو پيءُ، دادلو دوست، شفيق استاد، ڪاهوڙي قلمڪار، سيبتو مصور ۽ ڪئليگرافر، هڏ ڏوکي سماجي سيوڪ، سچو قومي ڪارڪن ۽ اٽڪل انسان آهي. مطلب تہ سادگيءَ ۽ سچائي جو پيڪر آهي.نظرياتي لحاظ ڪان هيءَ آزادي جو آسوند، پورهيت راڄ جو پانڌيئرو ۽ سيڪيولر سوچ جو مالڪ آهي. وٽس رنگ نسل، ذات پات ۽ مذهب ڪو بہ متڀيد ناهي. سندس سهڻي سوچ جا اهڃاڻ پرتوا سندس شخصيت، شاعري ۽ مصوريءَ ۾ بہ موجود آهي. جن جا ڪيترائي مثال پيش ڪري سگهجن ٿا. شاعريءَ مان بہ چار مثال ملاحظ:

آءُ تہ جڳ ۾ پيار ورهايون،
قرب وڌايون ڀاڪر پايون،
پاڻ تہ سڀ برابر آهيون،
ويچن جي ديوار ڪي ڍاهيون،
آءُ تہ جڳ ۾ پيار ورهايون.

* * *

ميرا ڪوجها توڙي ڪارا،
آهن چڻ هي چنڊ ستارا،
سنڌڙيءَ جا هي پيارا ٻار،
وٽن پيا هي سارا پار.

سندس علم دوستي بابت سهڻي سوچ جو ڪيڏو نہ سهڻو مثال هي شعر آهي.

علم پرائڻ، علم پڙهائڻ،
آهي سڀ ڪان وڏو ثواب.

هن ڪتاب ”جاڳ او ڀالڪ جاڳ“ ۾ سنڌ وطن جي ٻارڙن لاءِ سهڻا سهڻا سبق موجود آهن. ڪتاب ۾ ٻارڙن لاءِ سرجيل شاعريءَ جون ستون پڙهي لڳي ٿو تہ گوهر سنڌي پنهنجي جواني اڪارڻ ڪانپوءِ بہ پنهنجو ٻاروتڻ وساريو ناهي. سندس اندر ۾ ويٺل معصوم ٻار اڃان تائين نَچي ڪُڏي ٿو. ان جي مُرڪ اڃان مرجهائي ناهي، گوهر سنڌي پنهنجي حياتي جا حصا ٻاروتن، چوڪرائپ ۽ نوجواني پار ڪري جوانيءَ جا لَڪَ لَتاڙي عمر ۽ عقل جا ڏاڪا چڙهي رهيو آهي. پر مان اهو پڪ سان چئي سگهان ٿو تہ سندس شخصيت وارو بنيادي عنصر ٻار اڃان مٿس حاوي آهي. ائين نہ هجي ها تہ ٻارن جي احساسن ۾ پيهي وجي شاعري نہ ڪري سگهي ها.

گوهر سنڌي سان منهنجي پهرين سڃاڻپ ۽ واسطيداريءَ جو سبب بہ ٻار آهن. 1984ع ۾ جڏهن مان آزاد بخاريءَ جي توسط سان سنڌي ٻارن جي علمي، ادبي، قومي تنظيم لطيف سنگت ۾ شموليت اختيار ڪئي تہ پهريون تنظيمي دؤرو آزاد بخاري ۽ سلطان مهر سان گڏ رستم يونٽ جو ڪيو هئم. رستم شاهہ عبداللطيف ڀٽائي لائبريريءَ جو معائنو ڪندي شريف ”شاد“ جي شفقت ۽ گوهر سنڌي جي محنت ۽ محبت کي ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ جو موقعو مليو هو. اتي لطيف سنگت، سنڌي ادبي سنگت شاخ رستم ۽ شاهہ لطيف لائبريري جا ڪتاب ۽ رڪارڊ جي سهڻي من موهڻي ترتيب، ڏسي حيران ٿيو هوس. ان وقت لطيف سنگت رستم جي ڪارڪنن، نياز ساگر، زاهد سومرو، واحد ڪلهوڙو، در محمد مهر، جميل سنڌو، غفور گل، اصغر پيو، نياز مهر، فيض مهر، وحيد سومرو، صدر الدين منگي ۽

ٻين سان پڻ ڄاڻ سڃاڻ تنظيمي واسطو ٿيو هو. اهو نہ صرف هنن دوستن سان ملڻ بلڪ قومي سفر جو بہ پهريون تجربو هو. اهو ڏينهن ۽ اڄوڪو ڏينهن........ وچ ۾ ٽيهہ ورهين جو ڊگهو عرصو....... ان عرصي دؤران گوهر سنڌيءَ سان روح جو رشتو ڏينهون ڏينهن مضبوط ٿيندو رهيو آهي. بقول ڀٽائي سرڪار جي.

ڳڙو مَنجِهہ ڪڙَي، جِئن لُوهارنِ لپيٽِيو،
مُنهنجو جِيءُ جَڙي، سُپيرينِ سوگهو ڪِيو.

حاڪم مهر (چڪ)

گوهر سنڌي ٻاراڻي شاعريءَ ۾ نواڻ آندي آهي

ڌرتي ۽ عشق سان لائون لهندڙ ڪوي جو جذبو هڪ اهڙي اظهار جي زمري ۾ اچي ٿو جنهن جو سڌو سنئون اشارو ديس ۽ ڌرتي سان پڪي محبت هجڻ واري ڪوي ڏانهن وڃي ٿو. عشق ڪرڻ وارو جذبو هڪ تخليقڪار جي تخليقن ۾ روح ڀري ٿو جنهن ڪي پڙهڻ سان پڙهندڙ جي دل ۾ ڌرتي سان چاهہ رکڻ جو خيال جاڳي ٿو. اسان جو شاعر گوهر سنڌي جي من توڙي ڪويتائن اندر پڻ سنڌ سان بي پناهہ محبت هجڻ جو ثبوت ملي ٿو. خاص نظم ۽ نثر ۾ پاڻ ملهايو آهي. ۽ وري ٻارڙن جي لاءِ گيت ۽ نظم لکي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. جاڳ او ٻالڪ جاڳ ۾ ٻارڙن جي لاءِ نظمن ۾ نوان موضوع “الف ب” جا ٻاراڻا ٻول لکي وڏي نواڻ آندي آهي. شاعري ۾ ان جي ضرورت آهي. دعا آهي تہ هن جي ذات ڌهوڙي رهي جيئن هي قلم سان گيت ۽ نظم سرجيندو رهي.

حاڪم گل (ڳوٺ مالهي)

التجا

دُعا آ ....
اِها التجا آ.........
مٺي ديس منهنجي،
سنڌڙي وطن کي،
۽ ساري جڳ جهان کي،
سدا شاد رکجانءِ،
۽ آباد رکجانءِ،
لڳي ڪين ڪنهن کي،
ڪڌهن واءُ ڪوسو
نہ ڪوئي پسي ڏک،
نہ ڌرتي تي ڪوئي،
سمهي ٻار بُک تي،
ڏٺي تنهنجي ڌرتي،
اهائي سدا آ.......
نماڻي سدا آ ....
دُعا آ،
اها التجا آ ....

✵ ✵ ✵

سنڌ جو شان

سنڌ جو آهي اعليٰ شان،
چونڊ ڪيان مان پوءِ بيان،

ديس اسان جو پيارو پيارو
سائو ساوڪ وارو پارو
اجرڪ، ٽوپي پنهنجو مان،
سنڌ جو آهي اعليٰ شان،
چونڊ ڪيان مان پوءِ بيان،

مارن جو جت مال چري ٿو
ڏسندي تن کي هانءُ ٺري ٿو
جنهن تي پنهنجو آ گذران،
سنڌ جو آهي اعليٰ شان،
چونڊ ڪيان مان پوءِ بيان،

هن ۾ شاهه پٽائي آهي،
سچل، سامي، سنائي آهي،
هن ۾ هوشو دريا خان،
سنڌ جو آهي اعليٰ شان،
چونڊ ڪيان مان پوءِ بيان،

❋ ❋ ❋



سچل سارو سچ

سچل سارو سچ ئي آهي،
هرڪو ماڻهو هن کي چاهي.

آهه درازن ۾ دلدار
محبت سندو آ مُهندار

ڪوڙ ڪُپتِ کي آهي متايو
سڀ کي آهي سچ سڻايو.

بالڪ، ٻيڙا هٽن ٿا نعرا،
حق سندا تون ٻُڌ هوڪارا.

هفت زبان هي شاعر آهي،
عظمت تنهن مان ظاهر آهي.

آءُ ته ”گوهر“ ساهه ۾ سانڍيون،
اناالحق جو ورد الاپيون.

❋ ❋ ❋



سامي سندا سَلوڪَ

سَلوڪَن ۾ سمجهائي ويو
درس محبت ٻڌائي ويو

امڻ ابي لاءِ منڙو هيو
شڪارپور ۾ ئي وڏڙو ٿيو.

هندو مسلم پائري ۾،
صاف ٻُڌايو شاعري ۾.

هر بيت ۾ ويدانيت آ،
هر انسان لئہ وحدانيت آ.

ڪامُ ، ڪِروڌ جي چايا ڪان،
پري رهيو هو مايا ڪان.

رام، رحمان نہ سندو ڪوئي،
نفرت ۾ نہ هو بندو ڪوئي.

شاهہ سچل جي واٽ هلندي،
سڀ ڪي ٻڌايان بات سلندي.

”سامي صاحب“ جو فڪر اهڙو،
”گوهر“ ڪري ٿو ذڪر اهڙو.

✵ ✵ ✵

راڳ جو راڻو

پيگت ڪنور هو راڳ جو راڻو
صوفي صاف هو سدا نماڻو.

سنڌڙي هن جو مُلڪ اباڻو
مارُن لاءِ هو موتيءَ داڻو.

لوليون ڏيئي هو ٻارنِ کي،
ريجهائيندو هو پيارنِ کي.

اول ڏٺيءَ جو نالو ڪٺجي،
حق ۽ سچ جو نعرو هٺجي.

محبت ۾ مخمور هيو هو،
هند، سنڌ ۾ مشهور هيو هو.

سُور ۽ سختيون سهندي، سهندي،
پيتو جام شهادت ڪلندي.

اَمَر ٿيو هو اَمَر ئي رهندو،
اهڙو ”گوهر“ ٻيو ڪو نہ ٿيندو.

پيگت ڪنور هو راڳ جو راڻو،
صوفي صاف هو سدا نماڻو.

✵ ✵ ✵

سنڌ امڙ جا نيٽڻ تار

سنڌ امڙ جا نيٽڻ تار
گل ڦل آهن هي گلزار
سنڌي سهڻا، سهڻا ٻار

ڄڳ ڄڳ جيئن شال سدائين
پائين گل گلابي هار
سنڌي سهڻا، سهڻا ٻار

علم جي جوت جلائيندا هن
لکندي پڙهندي ٿيا هوشيار
سنڌي سهڻا، سهڻا ٻار

نينهن وطن سان لائي ”گوهر“
پيار جو ڪن ٿا هي اقرار
سنڌي سهڻا، سهڻا ٻار

✵✵✵

سنڌي ٻولي، قومي ٻولي



سنڌي ٻولي پنهنجو شان،
ٻولين ۾ آهي هيءَ مهان،
سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.

ساري سنڌ جو آهي مانُ،
سنڌي قوم جي آهي زبان،
سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.

غيرن جي لئه تير ڪمان،
آهي اسان جي لئه آسان،
سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.

ڪيو ٻڌائيءَ صاف بيان،
سنڌ جي آهي سنڌي زبان،
سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.

”گوهر“ جي آ، هنَ ۾ جان،
ناهي ڪوئي شڪَ گمان،
سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.

✵✵✵



موهين دڙي جي ٻڌو کهاڻي

موهين دڙو اهڃاڻ سنڌ جو،
اجرڪ پٽڪو پهراڻ سنڌ جو،
موجن ۾ وهي مهراڻ سنڌ جو،
هر هڪ سنڌي سڄاڻ سنڌ جو.
موهين دڙي جي ٻڌو کهاڻي،
اها آ، ٻارو ڌرتي اباڻي.
صدين جي آ تهذيب پراڻي،
ست هزارن ڪان آهي شهاڻي،
قوم جنهن جي ڏاڍي سياڻي،
دنيا ۾ جنهن آ مشهوري ماڻي،
موهين دڙي جي ٻڌو کهاڻي،
اها آ، ٻارو ڌرتي اباڻي.
انگريز جڏهن کوٽائي ڪئي،
تاريخ صدين جي ظاهر آ ٿي،
نڪتا، هار ۽ مورتيون، مجسما،
مهرون، زيور، ٿانوَ نڪر جا،
موهين دڙي جي ٻڌو کهاڻي،
اها آ، ٻارو ڌرتي اباڻي.
پڪن سرن جون جايون جڙيل،
سڌريل ملڪن جيان اڏيل،
”ناچڻي“ جو هڪڙو محل بہ هو،
”ڪنگ پريسٽ“ بادشاهہ هِنُ جو،

موهين دڙي جي ٻڌو کهاڻي،
اها آ، ٻارو ڌرتي اباڻي.
کوهہ، ناليون ۽ حوض ٺهيل ها،
غسل خانہ ۽ بورچي خانہ ها،
سڌريل هئا هي ڏاڍا سياڻا،
جڳ سڄي جا هئا راڄ جا راڻا،
موهين دڙي جي ٻڌو کهاڻي،
اها آ، ٻارو ڌرتي اباڻي.
ڏکيو ڳليون هِن ڏسڻ جهڙيون،
اڄ ٻي آهن گهمڻ جهڙيون،
هٿيارن سواءِ اناج مليا،
سون ۽ سڪن جا تاج مليا.
موهين دڙي جي ٻڌو کهاڻي،
اها آ، ٻارو ڌرتي اباڻي.
ڦيٿو هنن ئي ايجاد ڪيو،
شاندار تهذيب کي آباد ڪيو،
سڀ عورتون مرد متير هُيا،
داناءَ دلبر هي دلير هيا،
موهين دڙي جي ٻڌو کهاڻي،
اها آ، ٻارو ڌرتي اباڻي.
موهين دڙي ۾ ميوزم ٺهيل،
تاريخي شيون تنهن ۾ رکيل،
”گوهر“ تو سنڌ جي تاريخ ٻڌائي،
ٻارن کي تو سچ سڻائي.
موهين دڙي جي ٻڌو کهاڻي،
اها آ، ٻارو ڌرتي اباڻي.

شڪارپور جو سير

اچو اوهان کي سير ڪرايان،
شڪارپور جو شهر گهمايان.

ڪوسٽر ۾ اچ چڙهيا آهيون،
رستم موڙ ڪان مُڙيا آهيون.

ڪلندي ڳالهائيندي يارو،
پهچي وياسون جهٽ پٽ ٻارو.

افضل، فيصل، هوشو پيارو،
ڏسو شهر جو سهڻو نظارو.

سامهون ريل جي ٽيشڻ آهي،
ريل اچي پئي ڏسجو ناهي.

هاسپيٽل ۽ هاءِ اسڪول،
تاريخي جايون انمول.

”بيدل لائبريري“ آ اڳيان،
آءُ ڪتاب رسالا ڏيکاريان.

اجهوهي ”لکي در“ اچي ويو،
”جاني“ لاءِ جڻ ميلو مچي ويو.

سامهون ته آهن ڪيئي هوٽل،
واهه فالودو سهڻي بوتل.

هي آهي ”ديوان“ جو هوٽل،
ٺڏڙي قلفي کائون هل، هل.

ڏس ”مجيب“ قلفي ڪاڏي،
”سارنگ“ آهه منائي ڪاڏي.

هٽ ۾ هٽ ڏيئي هلنداسين،
”ڍَڪَ بازار“ ۾ گهمنداسين.

”شڪارپور جو آ مشهور آچار“،
ڏاڍو ڪٽو آ چون ٿا ٻار.

هر پاسي هٽ ميل مَتِل آ،
سهڻو سهڻو ڪيل رتل آ.

پڳڙن جا هي دڪان ٿا ڏسجن،
هل ته هلي ڪجهه اتان ٻه وٺجن.

”گول مارڪيٽ“ استوريٽ گنج،
ڪر نہ ”صبور“ تون ايڏو رنج.

آيو ”هاتي در“ ۽ سُڪَ پُلِ،
”حاجي“ ”سعيد“ ڪن تا هل.

گهمڻ هلون تاريخي ماڳ،
”گهٽيش باغ“ ۽ شاهي باغ.

”اَٺ در“ ۽ نائين آ دري،
قديم تاريخ سان پئي آ پري.

”دائود پوٽن“ هي شهر اڏايو،
”شڪارگاهہ“ مان شهر بڻايو.

شايد هن جهڙو نہ ٿئي ڪو،
سنڌ ديس جو پئرس هو.

شعوري جوت جلائي ويا،
”نياز“ ”اياز“ ملهائي ويا.

شاعري ۾ تنهنجي ساک،
”سامي“ نيٺ ڦتندي باک.

سنڌ پرست جوان اهڙا،
”الهہ بخش“ ۽ ”قيوم“ جهڙا.

رهندي نہ ڪائي ڪاري رات،
”مهراڻ“ ٻرندي علم جي لاٽ.

هي علم ادب جو شهر آهي،
روشن صبح جو پهر آهي.

گهمندي، گهمندي ٿڪجي پياسين،
”گوهر“ هاڻ سڀ گهر هلنداسين.

❋ ❋ ❋

- ”سامي“ چئنراءِ لُندِ شڪارپور(صوفي شاعر) (ساميءَ جا سلوڪ)
  جنم 1743 وفات 1850ع
- ”نياز“ همايوني شڪارپور (قومي شاعر ۽ اديب)
  جنم 12-04-1930 وفات 03-01-2003
- ”شيخ اياز“ شڪارپور (قومي شاعر)
  جنم2 مارچ 1923ع وفات 28 ڊسمبر1997ع
- عبدالقيوم شڪارپور (شهيد ”قيوم منگي“)
  (قوم پرست اڳواڻ)
  جنم 01 آڪٽوبر 1954ع شهادت 22 جون 1998ع

گيت خوشيءَ جا ڳايو پارو



گيت خوشيءَ جا ڳايو پارو،
نينهن وطن سان لايو پارو،
نفرت نانءُ متايو پارو،
پيچ پريت جا پايو پارو.
نچندا، ڪڏندا اچو اي پارو
پيچندا، ڊڪندا اچو اي پارو.

ڌرتيءَ خاطر جيئڻو آهي،
پنتي پير نه ورڻو آهي،
غلط ڪم نه ڪرڻو آهي،
سچ سان پاڻ سجايو پارو
نچندا، ڪڏندا اچو اي پارو
پيچندا، ڊڪندا اچو اي پارو.

اهڙا وڻندا آهيو پيارا
جهڙا وڻندڙ خوب نظارا،
تمڪو اهڙا جهڙا تارا،
اجرڪ، ٽوپي پايو پارو
نچندا، ڪڏندا اچو اي پارو
پيچندا، ڊڪندا اچو اي پارو.

ڏينهن ثقافت جو آيو
ڳڏجي سارا نيهن نڀايو
تاريخ، تمدن ڪلچر ڪان،
ڪڏهن ڪين لنوايو پارو.
نچندا، ڪڏندا اچو اي پارو
پيچندا، ڊڪندا اچو اي پارو.

سنڌي بولي سهڻي بولي،
جنهن ۾ ماءُ ڏني آ لولي،
ڳڏجي ڳايو هڪ ٿي ٽولي،
سمجهو ۽ سمجهايو پارو
نچندا، ڪڏندا اچو اي پارو
پيچندا، ڊڪندا اچو اي پارو.

✵✵✵

آءُ تہ جڳ ۾ پيار ورهايون

آءُ تہ جڳ ۾ پيار ورهايون،
قرب وڌايون ٻاڪر پايون،
پاڻ تہ سڀ برابر آهيون،
ويڇن جي ديوار کي ڊاهيون،
آءُ تہ جڳ ۾ پيار ورهايون.

دنيا ساري ترقي ڪئي آ،
پاڻ کان اڳتي نڪري وئي آ،
چنڊ تي پارو پهچي وئي آ،
پاڻ بہ تنهن سان وِکَ ملايون،
آءُ تہ جڳ ۾ پيار ورهايون.

وقت هٿن مان نڪتو ناهي،
وک وک ڪٿون سيئي ٿاهي،
پهچي منزل ڏانهن ويندا سون،
ڪلهي ڪلهي سان اچو ملايون،
آءُ تہ جڳ ۾ پيار ورهايون.

✻✻✻

سنڌ وطن جا پيارا ٻار

سنڌ وطن جا پيارا ٻار
سهڻا تن جا هن سينگار
لکڻ پڙهڻ ۾ هي هوشيار
ڪڏهن نہ ڪن ٿا ڪو انڪار
ڳچيءُ جا ٻٽيا آهن هار
سنڌ وطن جا پيارا ٻار.
سنڌ جي سينڌ سنواريندا هي،
منزل پنهنجي ماڻيندا هي،
پورهئي سان ۽ ڏاهپ سان هي،
محبت سان ۽ چاهت سان هي،
ساري جڳ جي لهندا سار
سنڌ وطن جا پيارا ٻار.
ٺهڪ وکيري مرڪون ميڙي،
حق ۽ سچ جو عَلمَ کوڙي،
ٻاتا هي ٿا ٻولن ٻول،
سهڻا تن جا ٿال متول،

ماڪيءَ سنڌي آهن لار،
سنڌ وطن جا پيارا ٻار.

سچ سدائين ڳالهائين ٿا،
ڪوڙ کان هي لنوائين ٿا،
علم ادب جي چاهت تن ۾،
سُجهي پئي ڏاهپ تن ۾،
پورا ڪن ٿا پنهنجا اقرار،
سنڌ وطن جا پيارا ٻار.

ٻالڪ سارا سنڌڙيءَ جا هن،
اَمڙ ابي جي جندڙيءَ جا هن،
ظالم سان سينو ساهيندا،
ديس سڄي کي هي ڀائيندا.
هنن سان جڳ ۾ آهي بهار،
سنڌ وطن جا پيارا ٻار.

ميرا، ڪوجها توڙي ڪارا،
آهن چڻ هي چنڊ ستارا،
لڳندا آهن ڏاڍا پيارا،
پنهنجي اکين جا آهن تارا.
گهور وڃان مان سَوَ سَوَ ٻار،
سنڌ وطن جا پيارا ٻار.

ايڪي الفت وارا ٻالڪ،
آهن ڌرتيءَ جا هي مالڪ،
شهر ڳهٽيون، گهر خوب سنوارن،
سنڌ وطن جا گيت پيا ڳائن،
ديس جي خدمت لاءِ تيار،
سنڌ وطن جا پيارا ٻار.

گڏجي سڏجي مڪتب ويندا،
گيت سنڌو جا هي ڳائيندا،
پنهنجو سيني کي ڀائيندا،
سنڌوءَ خاطر سرڙو ڏيندا،
آهن هوشوءَ جي للڪار،
سنڌ وطن جا پيارا ٻار.

❋ ❋ ❋

سالگرهه

گهر ساري کي خوب سجايو،
پنهنجي گهر جو اڱڻ ٻهاريو،
ڏينهن خوشين جا آهن آيا،
”روماسا“ جي سالگرهه آ.

دل کي سيئي خوب وڻن ٿيون،
سَرتين آنديون جي سوکڙيون،
ڀائرن ڀي اڄ تحفا آندا،
”روماسا“ جي سالگرهه آ.

”روماسا“ اڄ ڪيڪ ڪٽيندي،
ڪيڪ ڪٽي پوءِ سڀ کي ڏيندي،
ٿي ويا آهن لايا سجايا،
”روماسا“ جي سالگرهه آ.

امبرين، سنبرين، ڏين واڌايون،
جيڏين ۾ ٿينديون نہ جدايون،
ايندا رهندا ڏينهن پيارا،
”روماسا“ جي سالگرهه آ.

مُرڪن ٽَهڪن، وارا ٻالڪ،
جَڳَ کان سُندر سارا ٻالڪ،
سنڌ جا آهن روشن تارا،
”روماسا“ جي سالگرهه آ.

جاڳ او ٻالڪ جاڳ

خوشيءَ ۾ سنڌ ساري رهندي،
دنيا ۾ سوڀاري رهندي،
سهڻو پنهنجو ماڳ،
جاڳ او ٻالڪ جاڳ،
ڀلو تنهنجو ڀاڳ.

سُستي ڇَڏِ چُستي ڪَرِ تون،
علم بهتر آ ڄاتو مون،
هاڻي ٿيءُ سجاڳ،
جاڳ او ٻالڪ جاڳ،
ڀلو تنهنجو ڀاڳ.

رهڻي ناهي ڪائي رات،
ڦٽندي نيٺ تہ ڪا پرڀات،
ڳاءِ اَمنُ جو راڳ،
جاڳ او ٻالڪ جاڳ،
ڀلو تنهنجو ڀاڳ.

پڙهي پو عالم ٿيندين،
جوت علم جي جاري رکندين،
تنهنجي دم سان ڀاڳ،

جاڳ او بالڪ جاڳ،
پلو تنهنجو پاڳ.
پڙهه تون بالڪ ننڊ ڦٽائي،
دنيا ڪاٿي پهتي آهي،
ماٺيندين پو ماڳ،
جاڳ او بالڪ جاڳ،
پلو تنهنجو پاڳ.
ڪاهل ننڊ ۾ غرقُ آهي،
جاهل جو هي مَرڪُ آهي،
ڇڏتون اهڙو نياڳ،
جاڳ او بالڪ جاڳ،
پلو تنهنجو پاڳ.
ڌرتي پنهنجي سَرتي آهي،
جيڪا توکي پرتي آهي،
لڳي نہ تنهن کي داغ،
جاڳ او بالڪ جاڳ،
پلو تنهنجو پاڳ.
تنهنجي جاڳڻ سان ئي پيارا،
”گوهر“ لڳندا سنڌ جا نعرا،
تنهنجي هٿِ آ واڳ،
جاڳ او بالڪ جاڳ،
پلو تنهنجو پاڳ.

❋ ❋ ❋

طوطو

ساوڻ پَرِنِ سان ڳاڻيءَ وارو
طوطوآهي سڀ کي پيارو

هر هر مِٺو پُٽَ پيو بولي،
ڳاڙهي، ڳاڙهي چهنب ٿو کولي.

هوشوءَ کي هو سڏ ڪري ٿو
موتي اَچ تون، گهر سڏي ٿو.

امڙ چوبس ٿي موري ڪائيندين،
پيڻ چوبس ٿي توري ڪائيندين.

مرچ ٽماٽا خوب ٿو کائي،
پينگهه ۾ ويهي لُڏي ڏيکائي.

ڏيان سان ڳالهيون ويهي ٻڌي ٿو
طوطو مون کي خوب وڻي ٿو.

”گوهر“ جي ٿو دل وندرائي،
ٻول نوان ٿو روز سڻائي.

❋ ❋ ❋

پيارا ٻار

سنڌڙيءَ جا هي پيارا ٻار
وطن پيا هي سارا ٻار
ٻاڻ ۾ سارا پائڻ آهن
اُڀ تي جڻ هي تارا آهن
سنڌڙيءَ جا هي پيارا ٻار

اَمڙ اَبي جي دل جا ٺار
محنت عظمت جا مينار
حق ۽ سچ سان ٻاڻ ملهائي
پائڻ ٿا هي گلڙن هار
سنڌڙيءَ جا هي پيارا ٻار

سارو ديس سنواريندا هي
پنهنجو ٻاڻ ملهائيندا هي
سستي ڇڏيندا جلد پيچائي
محنت کان نہ ڪندا هي عار
سنڌڙيءَ جا هي پيارا ٻار

سنڌ جو ڪندا ناماچار
ڪو نہ رهي ڪوڪنهن کان ڊار
پيار، امن، محبت سان گڏجي
سڀ جي لهندا گلڙا سار
سنڌڙيءَ جا هي پيارا ٻار

پياري سنڌڙي

گوهر سنڌي آرٽسٽ

پياري، پياري سهڻي سنڌڙي،
تنهنجي منهنجي آهي جندڙي

سنڌ جي عزت، منهنجي عزت،
آهي تنهن ۾ پنهنجي عظمت

ٿَرُ، ٻَرُ آهي ساوڪ ساري،
سون برابر هن جي واري،

جنهن ۾ آهي سون ۽ چاندي،
رهندي ڪا نہ مارئي ماندي

سنڌي ٻولي پياري، پياري،
هڪ، هڪ لفظ آ موتين ڪاري

ٽوپين وارا، اجرڪن وارا،
همت وارا، پٽڪن وارا،

جوڌا آهن ڌودا ٿيندا،
سنڌڙيءَ خاطر سرڙو ڏيندا.

✵ ✵ ✵

لولي

لولي ڏي مون کي لولي ڏي،
ننڊ ڪيان مان جهولي ڏي

روز ڳُهران تو آءُ دعائون،
جيجل منهنجون ٻُڌُ صدائون.

مان نہ اَمڙ ڏُک توکي ڏيندس،
وڏڙو ٿي سک توکي ڏيندس.

دل تان توکي ڪيئن مان لاهيان،
ماتا تنهنجي ٿڃ ملهايان.

تو نہ سيکاري سهڻي ٻولي،
مور نہ وسري منڙي ٻولي.

امڙ تنهنجو شان وڏو آ،
”گوهر“ هن جو مان وڏو آ.

✵ ✵ ✵

ديس جا ٻار

منهنجي ديس جا منڙا ٻار،
ٻول اچي ٻُڌ، تن جا يار

سڀ کي سچ پچ وڻندا آهن،
امڙ اَبي جا نيڻن ٺار

ٻاتا، ٻاتا ٻول ٿا ٻولن،
دل جا آهن هي دلدار.

روز وڃن ٿا هي اسڪول،
ڪڏهن نہ ڪن ٿا علم کان عار.

چون ڳُراڙا، جوان سيئي،
مستقبل جا هي معمار.

”گوهر“ سنڌيءَ کي پيارا آهن،
روز لهي ٿو تن جي سار.



ڏون جو ڪوڙو

ايڪ ڏون، ڏون، ياد ڪرِ تون.	ڇهہ ڏون ٻارنهن اِڪي انگ يارنهن.
ٻہ ڏون چارِ، ڪوڙا نہ وسارِ.	ست ڏون چوڏنهن، هلو اسڪول ڏانهن.
ٽي ڏون ڇهہَ، علم سونا ڳهہَ.	اٺ ڏون سورنهن، سنڌ لئہ جِيان مَران.
چار ڏون اَٺ، سِڪُ، جوڙ ڪَٺ.	نا ڏون ارڙانهن، روز سبق پڙهان.
پنج ڏون ڏهہِ، ٻڌي انگ ٻَهہ.	ڏهہ ڏون ويهہ، پڙهڻ جي عمر هِيءَ.

چڙيا گهر

ٻارو گڏجو سير ڪيون ڪو
هاٿي، هرڻ ۽ شينهن ڏسون ڪو.

چڙيا گهر ۾ شينهن گجن ٿا،
باندر، ٻولا خوب ڪڏن ٿا.

طوطا، مئنا، ڪانگ، ڪبوتر،
جهرڪيون، ڪٻريون ٻولن تتر.

مور نچن ٿا ٻار کلن ٿا،
خوش ٿي ڏاڍا ٽهڪ ڏين ٿا.

هرڻ وڏا هٿ چُنگ ڏين ٿا،
گڏهہ، گهوڙا، ٻُڪِن ٻچن ٿا.

هاٿي آهي سڀ جو ساٿي،
جڻ هي "گوهر" گهر جو ياٿي.

✲ ✲ ✲

لطيف سائين

حق سندي تو ڳالهه ٻڌائين،
لطيف سائين، لطيف سائين.

سچ جي راهه ٻڌائڻ وارا،
منزل تي پهچائڻ وارا،
سنڌڙي جو تون آن مهتاب،
لطيف سائين ....

تنهنجي عظمت کي سلام،
تنهنجو آهي بلند مقام،
شاعرن جو تون آن آفتاب،
لطيف سائين ....

سنڌ جا رهبر سنڌ جا پيارا،
جهرجهنگ آهن تنهنجا نعرا،
محبت جو تون آهين باب،
لطيف سائين، لطيف سائين.

❋❋❋

پياري سنڌ

سڀ کان آهي پياري سنڌ،
ٻارو گهوريون تنهن تان جند،

اُوچو سڀ کان هن جو مان،
نالو هن جو آهر هند.

سنڌ جو جيڪو مندو ٿيندو
ڪوريندا سين اُن جو ڪنڌ.

آزاديءَ لاءِ وڙهندا رهندا،
هوشو هيمون، دولهه رِندَ.

منزل پنهنجي ناهي دور،
باقي آهي ٿورو پنڌ.

سڀ کان آهي پياري سنڌ،
ٻارو گهوريون تنهن تان جند.

❋❋❋

وچن



واعدا نڀائيندا هلو
وک کي وڌائيندا هلو.

سنڌ ديس کي گڏجي سيئي،
سهڻو ٻڻائيندا هلو.

سَوَ سور سختيون سهي،
سچ سان نڀائيندا هلو.

پيار جو پرچم کڻي،
نفرت مٽائيندا هلو.

”گوهر“ ساڻ گڏجي سيئي،
جِيوَن سجائيندا هلو.

✵✵✵

استاد



قوم کي وچ سير مان تاري ٿو استاد
ٻيڙيءَ کي پڄائي ڪناري ٿو استاد.

جهالت جي اونداهه کي ٻارو تڙي،
روشن سوين سج اُپاري ٿو استاد.

استاد ئي پکيڙي شعور هت پيو،
علم جون ٻہ راهون ڏيکاري ٿو استاد.

محنت، همت، عظمت سان هت،
دنيا سڄيءَ کي سنواري ٿو استاد.

ادب، اخلاق، پيار ۽ محبت،
هر روز ”گوهر“ پڏائي ٿو استاد.

✵✵✵

سنڌو پيارو

جهومي، جهومي لهرن وارو
سهڻو سهڻو سنڌو پيارو

پاڻي سنڌ جو آبِ زم زم،
لهر، لهر ۾ آهي سرگم.

هن جو جيڪو ويري ٻڻبو
تنهن لئہ اُپو جهنڊو ڪٽبو.

سرسبز آهن سنڌوءَ ڪنارا،
هارين، نارين سندا سهارا.

اعليٰ آهي سنڌوءَ جي عظمت،
پاڻي هن جو رحمت رحمت.

اوڪيءَ سوڪيءَ ٻڻجي سهارو،
”سنڌي“ دعاگو ساوڻ سيارو.

جهومي، جهومي لهرن وارو
سهڻو سهڻو سنڌو پيارو.

✵ ✵ ✵

ٻارڙن جي ٻاري

ٻارڙن جي هيءَ ٻاري ڏسو،
واهہ جي آ چوٻاري ڏسو.

واريءَ گهرڙا ڏاهن، ڻاهڻ،
هڪ جيڏن جي ياري ڏسو.

ٻاتا، ٻاتا ٻول ٿا ٻولن،
راجا، راجڪماري ڏسو.

ڪيئن ٿا جهومن، جهولن ٻالڪ،
گلڙن جي گلزاري ڏسو.

”گوهر“ سڏڙا ڪن ٿا پيار مان،
سندن سڪ سونهاري ڏسو.

✵ ✵ ✵

سونهن سراسر ساري سنڌ

سچي دنيا کان پياري سنڌ،
سونهن سراسر ساري سنڌ.

سنڌڙي آهي سڀ کان اعليٰ،
پنهنجي آهي نياري سنڌ.

هيءَ شاد رهي، آباد رهي،
آهي جيءَ جياري سنڌ.

چمڪي چنڊ جي چوڏهين وانگر،
روشن جَلوَنِ واري سنڌ.

قادرَ رَکُ تون قائمُ هن کي،
پرتي توکي پياري سنڌ.

هر دم قائم، دائم رهندا،
پورهيت هاري، ناري سنڌ.

”گوهر“ کهڙي ڳالهه ٻڌائي،
آهي پونءِ پلاري سنڌ.

✵ ✵ ✵

گڏڙي

”سونهن“ جي آهي ننڍڙي گڏڙي،
”ٻاگهل“ پيي آ، ناهي هڪڙي.

گهر ياتين کي خوب وڻي ٿي،
شيهَ شَبيهَ سهڻيءَ جهڙي.

”بختاور“ آ ڊريس سبائي،
سائي نيري ڳاڙهي ڍِگهڙي.

سيئي سرتيون آيون جڏهن،
راند رچي وئي رنگن رَتڙي.

ڪپڙا هن کي سهڻا ٺهن ٿا،
پَلڙن کان آ ڏاڍي پَلڙي.

”دُريش“ کان ٿي نه دور گڏڙي،
”غزل“ جهڙي آهي منڙي.

✵ ✵ ✵



مهراڻ جا هي تارڙا

علم ادب جي چاهه سان،
روشنيءَ جي راهه سان،
شعور جي ڦهلاءَ سان،
مهراڻ جا هي تارڙا،
ها سنڌ کي سنواريندا،
هن ڌرتيءَ جا ٻارڙا.

محنت سان من مرڪائيندا،
جوت سان جڳ جرڪائيندا،
ديس سڄي کي مهڪائيندا،
جيءَ جا هي جيارڙا،
ها سنڌ کي سنواريندا،
هن ڌرتيءَ جا ٻارڙا.

گل ڦل ۽ پوپٽن وانگي،
منڙن پيارن ٻولن وانگي،
هر جاءِ خوشبوءِ پکيڙي،
خوش ٿيندا هي سارڙا،
ها سنڌ کي سنواريندا،
هن ڌرتيءَ جا ٻارڙا.

ڏڪندا ۽ ڀڄندا ايندا،
روز پنهنجي اسڪول ويندا،
هٿ، هٿ ۾ ڏيئي ٽهڪ ڏيندا،
"گوهر" کي وڻن تا پيارڙا،
ها سنڌ کي سنواريندا،
هن ڌرتيءَ جا ٻارڙا.

پوپٽ جهڙا ٻار

پوپٽ جهڙا ٻالڪ پيارا،
"هوشو" "سارنگ" آهن نيارا.

آڪاش ۾ چڙهن آهن تارا،
ابي امڙ جا جيءَ جيارا.

سنڌ جي سونهن وڌائيندا،
علم ادب سان مهڪائيندا.

وڏڙا ٿي هي جوڌا ٿيندا،
هوشو هيمون، دودا ٿيندا.

جڳ ۾ عزت ماڻيندا،
امن ۽ خوشحالي آڻيندا.

منڙا منڙا ٻالڪ پيارا،
"گوهر"، هوشو سارنگ پيارا.

❊ ❊ ❊

❊ سارنگ لطيف سومرو ❊ هوش محمد "هوشو" سومرو (شاعر جا پٽڙا)

پيارو لطيف



وڏي شان ۽ مان وارو لطيف،
سڄي لوڪ ڪان آهي پيارو لطيف

ٿا گهر، گهر ۾ ڳايون هي منڙو ڪلام،
اسان جي دلين جو سهارو لطيف.

اسان جو هي رهبر آ نيارو لطيف،
ڀلا ڀاڳ مليو ڀلارو لطيف.

ها! سرتاج آ شاعرن جو لطيف،
چئون چنڊ چوڏهين جو ٻارو لطيف.

لکي گيت "گوهر" ٿو هر دم هتي،
اسان جو آجيءَ جو جيارو لطيف.

✵ ✵ ✵

www.sindhsalamat.com

اسڪول ڏانهن وڃو



منهنجي هڪڙي ڳالهه مڃو،
گهنڊ وڳو اسڪول وڃو.

پڙهڻ، لکڻ ڪان ڪين لنوايو،
ٿيندو اوهان جو لايو سجايو.

استاد جيڪو سبق پڙهايو،
ياد ڪري پوءِ دل سان هنڊايو.

پڙهي جڏهن جوان ٿيندؤ،
قوم جا سيئي ڏک مٽيندؤ.

پنهنجي ديس سان جيڪو نڀائيندو،
منزل "گوهر" سو ماڻيندو.

✵ ✵ ✵

www..sindhsalamat.com

امڙ جي لولي

منڙي منڙي ٻولي،
امڙ جي آ لولي.
شاهہ سچل سامي جي،
آهي سنڌي ٻولي،
منڙي منڙي ٻولي،
امڙ جي آ لولي.
دنيا اندر آ نروار،
سنڌوءَ جيئن چولي،
منڙي منڙي ٻولي،
امڙ جي آ لولي.
ٻاونجاهہ اکرن ۾
چٽيل چڻ ڪا چولي،
منڙي منڙي ٻولي،
امڙ جي آ لولي.
پڙهڻ لکڻ ۾ آهي،
سڀ ڪان هيءَ سولي،
منڙي منڙي ٻولي،
امڙ جي آ لولي.

ٻولي تہ آهي لولي،
ننڊ ڪيان ڏي جهولي،
منڙي منڙي ٻولي،
امڙ جي آ لولي.
هَٿ سان هَٿ ملايو
هڪ تي ناهيون ٽولي،
منڙي منڙي ٻولي،
امڙ جي آ لولي.
ڏينهن خوشين جا ملهايون،
عيدون هجن يا هولي،
منڙي منڙي ٻولي،
امڙ جي آ لولي.
اڄو تہ سڀ پرايون،
اَبي، امڙ جي ٻولي،
منڙي منڙي ٻولي،
امڙ جي آ لولي.
”گوهر“ هر ڪنهن کي ٻڌائي،
سنڌي آهي قومي ٻولي،
منڙي منڙي ٻولي،
امڙ جي آ لولي.

❋ ❋ ❋

ڪوڙ ڪان نفرت

سچ سان ڪريو محبت ٻارو،
ڪوڙ ڪان ڪريو نفرت ٻارو.

ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ وجهو
ڪوڙي ڳالهه نه ڪنهن سان ڪيو.

ڪوڙ جي ڏاڍي خواري آهي،
ڪوڙ وڏي بيماري آهي.

سچ جي سنگت سهڻي آهي،
هرڪو ئي تو هن کي چاهي.

هردم ڪوڙ کان بچو ٻارو
سچ سُڻايو سڀ کي سارو.

سنڌ ۾ آ جيئن شاهه ڀٽائي،
"گوهر" تيئن آ سچ ۾ وڏائي.

❋ ❋ ❋

ديس جو جوڙو

آءُ ته آهيان ننڍڙو ٻار،
ساري گهر لاءِ چڻ سينگار.

ڀينر، ڀائر محبت ڪن ٿا،
ابو امڙ چاهت رکن ٿا.

ڪتابن سان آ منهنجو پيار،
هر هر لهان تن جي سار.

روز پڙهڻ اسڪول وڃان ٿو
استادن جي عزت ڪيان ٿو.

پڙهي جڏهن مان وڏڙو ٿيندس،
سنڌ سجي کي پلڙو ڪندس.

"ڏاهر" ٿيندس "دودو" ٿيندس،
ديس پنهنجي جو جوڙو ٿيندس.

آءُ ته آهيان ننڍرو ٻار،
ساري گهر لاءِ چڻ سينگار.
❋ ❋ ❋

ڪتاب

منهنجو تنهنجو آهي ساٿي،
علم ۽ ادب وارو ڪتاب.

انڌيري کي دور ڀڄائي،
جيئن روشن ڪري آفتاب.

ونڊ، ڪٽ، جوڙ ضرب،
ڏکيا ناهن سڀ حساب.

جت، ڪٿ سڏجي پيو تو،
علم، ادب وارو نواب.

علم پرائڻ، علم پڙهائڻ،
آهي سڀ کان وڏو ثواب.

سچ، سونهن ۽ علم وارو،
گلابن ۾ جيئن گلاب.

جهالت واري کي ”گوهر“
دوستيءَ کان ڏج جواب.

تنهنجو منهنجو آهي ساٿي،
علم ادب وارو ڪتاب.

✵✵✵

اميد



ننڍڙا منڙا نازڪ ٻار،
منهنجي گلشن جا سينگار.

پوپٽن جيان آهن نيارا،
وڻندا آهن سڀ کي پيارا.

سچ، سونهن پيار جيان،
سهڻا لڳن سنسار جيان،

مستقبل جا معمار آهن،
قدرت جا شاهڪار آهن.

ادب، اخلاق آڌار آهن،
عظمت جا هي مينار آهن.

ديس جا علمبردار ٿيندا،
مڙس مٽيادار ٿيندا.

دک، درد سڀ ميٽيندا،
”گوهر“ حق جو ساٿ ڏيندا.

✵✵✵

سچ تہ ٻيڻو نچ



سچ تي ٻيڻو نچ او ٻالڪ،
ڪوڙ تي، سارو ڪڇ او ٻالڪ.

سچ جي سنگت آهي پياري،
جان تنهن تان ”جانب“ واري

سچو ماڻهو سَرهو رهندو،
ڪوڙو ماڻهو آرهو رهندو.

ڪوڙ کان هر دم بچجو ٻارو،
سچ جا ساٿي ٿيجو يارو.

سچ ۾ مَنائي آ ”گوهر“
ڪوڙ ۾ برائي آ ”گوهر“

✵ ✵ ✵

وقت

وقت نہ ڪنهن جو ساٿي آهي،
وقت تہ وهندڙ پاڻي آهي.

وقت سان جيڪو هلندو رهندو،
منزل تائين سوئي پڄندو.

وقت وئي کان پوءِ هٿ هڻندين،
منزل ڪڏهن نہ ماڻي سگهندين!

وقت سان ٻالڪ پيار ڪندو ڪر،
علم سندو اظهار ڪندو ڪر.

وقت جو جنهن، جنهن قدر ڪيو آ،
ڪاميابيءَ تي سو پهتو آ.

علم سان پاڻ سينگاريو ساٿي،
وقت نہ پنهنجو وڃايو ساٿي.

وقت سان گڏجي جيڪو هلندو،
سوئي ”گوهر“ منزل رسندو.

✵ ✵ ✵

گھوڙو

ٻابي بازار مان آندو آ،
چمڪيلو هڪرو گھوڙو
قد جو بيشڪ ننڍڙو آهي،
جرڪي ائين تانداٽي جهڙو،
چاٻيءَ وارو هڪڙو گھوڙو.
هن کي مان جي چاٻي ڏيان ٿو
هو جو گھمي ٿو خوش ٿيان ٿو
ڏسو هي گھوڙو ٻار سڏيان ٿو
موهي مَنُ ٿو آهي اُهڙو
چاٻيءَ وارو هڪڙو گھوڙو.
”سرمد“، ”سارنگ“ جڏهن چڙهن ٿا،
خوب ”مجيب“ ۽ ”حاجي“ کلن ٿا،
گھوڙي تان هو لَهِن چڙهن ٿا،
ڪير ٿيندو هن گھوڙي جهڙو
چاٻيءَ وارو هڪڙو گھوڙو.
”ناطق“ آهي تاڙي وڄائي،
”هالار“ سان گڏ راند رچائي،
”گوهر“ پيو آ مهل ملهائي،
گھوڙو نہ آهي اهڙو تهڙو
ٻابي بازار مان آندو آ،
چاٻيءَ وارو هڪڙو گھوڙو.

❋❋❋

وقت نہ ڪندو انتظار

اکيون ڪولِ پيارا ٻار
ٻول، ٻول پيارا ٻار
علم جو آهي ناماچار
جاهل آهي هت بيڪار
وقت نہ ڪندو انتظار.

سچ سان ڪر تون اقرار
ڪر نہ ڪڏهن تون انڪار
رک پنهنجو بلند ڪردار
رهہ تون سدائين خبردار
وقت نہ ڪندو انتظار.

قوم لاءِ ٿيءُ قرار
ديس ٿئي مهڪار
علم سان ٿيءُ سرشار
ٿي ننڊ ننڊوري مان بيدار
وقت نہ ڪندو انتظار.

❋❋❋

اسڪول وڃن ٿا

اخلاق سکن ٿا،
ماڻ رکن ٿا،
ننڍڙا ٻالڪ،
سيئي ٻالڪ،
سنڌي ٻالڪ،
سنڌ جا ٻالڪ،
پيارا لڳن ٿا،
سهڻا لڳن ٿا،
گهنڊو وڄي ٿو
اسڪول وڃن ٿا،
خوب کلن ٿا،
لکن پڙهن ٿا.....

گهنڊ وڄي ٿو
اسڪول وڃن ٿا،
ٿيلها ڪلهن ۾،
کنيو وڃن ٿا،
لکن پڙهن ٿا،
رانديون ڪن ٿا،
سبق پڙهن ٿا،
ياد بہ ڪن ٿا،
خوب کلن ٿا،
ماءُ پيءُ جو
۽ استادن جو
چيو مڃن ٿا،
ادب ڪن ٿا.

چئو سٽا

ڏيئا ڏيئا ڏات اسان جي،
سڀ کان اونچي ٻات اسان جي،
حق سچ واري راھ تي هلندي،
منزل رسندي لاٽ اسان جي.

سهڻا منڙا سنڌي ٻالڪ،
پائن ٿا جي ٽوپي اجرڪ،
مکڙي وانگر ٽڙي پون ٿا،
سنڌ سموري مهڪ ئي مهڪ.

تون ۽ مان هڪ امڙ جا ٻچڙا،
پوءِ ڀلا ڇو ايڏا جهيڳڙا،
نفرت ڪينو ڪيون پچائي،
محبت جا گڏ ڪيون ڪي ميڙا.

هوشو ٿيندين، هيمون ٿيندين،
ويڙهه وطن لئہ وڙهندو رهندين،
تو ۾ آهن قوم جون آسون،
نيٺ تہ ننڍڙا وڏرو ٿيندين.

سنڌي الف، بي پڌيءَ جا ٻہ سٽا

1. الف اک- بي بدڪ،
علم جي وڏي سِڪ.

3. ٻي ٻُڪ ءِ ٻيي ٻتِ،
ادب هجي، جتِ ڪٿِ.

5. تي تارو- ٿي ٿيلهو،
ساٿ ڏي، رَهُ نہ اڪيلو.

7. ٽي ٽوپي- ٺي ٺوٺِ،
ڪيراءِ ڪتاب نہ هيٺ.

9 ثي ثواب- پنهنجي ٻيي پَڳَ
تون ڏيکار پُلين ڪي دَڳَ.

11. جيم جتي- ڄي ڄِڀَ،
ڀِٽِ بڻيءَ مان ڊٻَ.

13. جهي جهرڪي- ڃي ڃُڃَ،
صحرا سڃوئي سُڃ.

15. چي چنڊ - ڇي ڇَٽي،
"گُل" رسي وَٽي.

17. هي حَجمُ- خي خَچرُ،
"رستم" منهنجو گهرُ.

19. دال درُ- ڌال ڌوٻي،
هڻ نہ مڪتب کان گهوٻي

21. ڏال ڏيڏر- ڊال ڊيلَ،
اُٿجي صبح جو سويلَ.

23. ڍال ڍڳو- ذال ذرو،
واپس مڪتب ڏي ورو.

25. ري ريل - ڙي ماڙي،
مُرڪي ملائج تاڙي.

27. زي زنجير - سين سيٽي،
استاد ڪرائي ٻيي ٽي.

29. شين شينهن- صاد صوف،
ڪم سان رهہ مصروف.

31. ضاد ضعيف- طوئي طوطو،
ڪاڻ نہ پاڻيءَ منجهہ غوطو.

33. ظوئي ظالم- عين عِينڪَ،
ڪٽي آ چانهہ واري چِينڪَ

35. غين غاليچو- في فانوس،
ٻارن ڏنو مِڪي مائوس.

37. قي قيٽو- قاف قَلمُ،
ڪڻ آزاديءَ عَلمُ.

39. ڪاف ڪتو- کي کَٽَ،
پاڻيءَ سان پر مَٽَ.

41. گاف گڏهہ- ڳي ڳئون،
ڇَڏِ ڪِتي، اَڄُ ٿَهون.

43. گهي گهوڙو- ڱي سڱَ،
روبوٽ، لوها لَڱَ.

45. لام لڪڻ- ميم مَسُ،
ڪورج قلب مان ڪَسُ.

47. نونُ نَٿَ- ڻوڻ وَڻُ،
وک مڪتب ڏي کَڻُ.

49. واءُ واڍو- هي هَاٿي،
علم عقل سڀ جو ساٿي.

51. الف حمزو- يي يَڪو،
سبق سيني جو پَڪو.

✵ ✵ ✵

فلسطيني ٻار جا خواب

فلسطين جا معصوم ٻارڙا،
آزاد فلسطين جا خواب ڏسندي،
روشني جا پرندڙ ڏيئا،
پنهنجي نازڪ ۽ نفيس هٿن ۾ کڻي،
غلام ٻڻائيندڙ
سامراج ملڪ(اسرائيل) سان،
اکين ۾ اکيون ملائيندي،
شهيدن سان وچن ڪندي،
مستقبل جي ساڀيا کي
حاصل ڪرڻ لاءِ
فلسطين جا معصوم ٻارڙا،
بنا خوف خطري جي،
اڳتي سيني کان اڳتي،
اجا به اڳتي،
وڌي رهيا آهن.

✵ ✵ ✵

سنڌي ٻار جا سپنا



اداس چهرو
لٽا ليڙون ليڙون،
اکيون روئڻ هارڪيون،
هاريءَ جو پٽ،
نهاري ٿو
اسڪول ڏانهن،
۽ سوچي ٿو.
ته ڇا ....؟
آءٌ به ....
هڪ جيڏن جي وچ ۾ ويهي،
لکي، پڙهي سگهندس؟؟!!......

✵ ✵ ✵

جنم ڏڻ

جنم ڏڻ تي،

ممتا........

اولاد کي معصوم جذبن سان

پوپٽن جي نازڪ ڪليل پَرنِ جيان،

ڏٽيءَ درٻاڏائيندي،

دعا گهرندي آ.

تہ...........

شل منهنجو ٻچڙو،

هن وشال ڌرتيءَ تي،

جواني جون ڪيئي بهارون ماڻي.

ءِ ڪو ڪوسو واءُ نہ لڳيس.

ماں ءِ شان سان،

تمثار تي زندگي گذاريندو رهي.

❋ ❋ ❋

ٻار ڪائنات جي سونهن



ٻار ڪائنات جي،

سونهن آهي،

ٻار مون کي ائين پاسندو آ.

ءِ ڏسي سوچيندو آهيان،

تہ جيڪر.......

آءُ بہ ڪجهہ وقت لاءِ،

ٻار تي وڃان.

ءِ ....

ان جو ڪينهون تي پوان،

جيئن هو دل،

وندرائيندو رهي....



❋ ❋ ❋

سڪون





معصوميت

انسان جي جياپي جو

ڏس تي ڏي

پر ....

وحشت ۽ دهشت،

ان معصوميت کان،

سڪون

۽ ....

امن ڪسڻ،

تي چاهي.

✽ ✽ ✽

هائيڪا / ٽيڙو

امير جو پار،
ضد ڪيائين تہ،
مليس ڪار.

***

غريب جو پار
ضد ڪيائين تہ،
مليس مار.

***

ڪيئن ٻالڪ ننيڙا،
ناهن ٿا، هر ڊاهن ٿا،
واريءَ جا گهرڙا.

***

"آلا نيڻ اٽيا وار".
سُڪل سنڌو سيني تي،
ٻُڪ ۾ مهاڻن جا پار.

***

معصوم پار،
برش ۽ ٽيلهوير ۾،
بوٽن جي قطار.

***

ڪڻ سليٽ پٽي،
سارنگ چيو هوشوءَ کي
نہ تہ توسان آ ڪٽي.

***

علمي درسگاهون،
اسان لئہ آهن،
روشنيءَ جون راهون.

***

سنڌڙيءَ جا پار،
آهن اسان لئہ چڻ،
گلڙن سدا هار.

***

لڙڪ وهائيندڙ پار
ديوار تي ٽنگيل تصوير،
ڪمري جو سينگار.

***

ڪيڏو ڏينهن تَتلُ،
آهي وڻ جي ڇانوَ ۾،
پورهيت پار سَتلُ.

***

هٿ ۾ ڪشڪول،
ٻار لاوارث ڇوواٽي تي
دنيا لاءِ مثال.

***

غريب جو ٻال،
پڙهي ڪين سگهيو
چاري پيو مال.

***

ڪارٽونن جو ڪمال،
ٽي. وي تي ڏسي ڪليا
سارنگ، هوشو، جمال.

***

ٻارڙن شور ڪيو
ٽاڪ منجهند، ڪنهن جو
لغڙ ڪاٽا ٿيو

***

ڏڌ، مکڻ، ڇاڏي،
لڪي ٻالڪ لاٿو ڍڪڻ
ڏسي ٿي ڏاڏي

***

هاريءَ جو ٻار،
پڙهي ڪين سگهيو
ٿيو مينهن جو ڏنار.

***

سنڌ سڄي سرهاڻ،
ريج ڏيئي رت جو
سوڍن گهوريو پاڻ.

***

ٻارن جو مرڪڻ،
ائين لڳي ٿو ڄڻ
گلن جو ٽڙڻ

***

ننڍڙا منڙا ٻار
هر ڪو ٿو پيار ڪري،
ماکيءَ سندي لار.

***

مُرڪن ٽيون مکڙيون،
پيارا پنهنجي ديس کي،
ڏسي ٽريون اکڙيون.

***

ٻهراڙيءَ جو اسڪول،
پَٽَ تي پڙهن ٿا ٻارڙا،
ڀڳل بينچ ۽ اسٽول.

***

ٻهراڙيءَ جو اسڪول،
اڄ به ماستر نه آيو
گهر، گهر آ چٽوپول.

***

ٻارڙن ڏنا ٽهڪَ،
ٽهلجي ويا چوڏس،
مَهڪ ئي مَهڪ.

***

ٻاتا، ٻاتا ٻول،
پٽ جا پيءُ سان،
تول مٿول.

***

گهنٽي وڄي ٿي،
ٻارن کي اسڪول مان،
موڪل ملي ٿي.

***

ڊرامو روشن تارا،
ٽي. وي ءَ تي گڏجي،
ٻار ڏسن ٿا سارا.

***

هٿ هٿ ۾ ڏيئي،
سارنگ، هوشو، وڃن ٿا
اسڪول ۾ ٻيئي.

***

پيهي ٿي ٻار،
هڪلي ٿو جهار کي،
ڳوڙهن جو وسڪار.

***

اسڪول آ ڪليو
وڏيري جي قبضي مان،
عرصي بعد مليو.

***

ايڪا ٻوءِ ڏهاڪا،
سارا ياد ڪندو ڪر تون،
پلجي وڃ نه ڪاڪا.

***

ٿيندو تڏهن ٺاهه،
پيءُ چيو پٽ کي،
علم سان رکندين چاهه.

***

ايندو نيٺ شعور،
علم سان مٽجي ويندو
جڳ مان ڪلور.

***

هاريءَ جو ٻار،
اسڪول وڃڻ بدران،
هڪلي پيو جهار.

***

تون جئين شَلَ،
ٻهار مند ۾ جيئن،
ٽڙندا آهن گُلَ.

***

منهن ٽيوپيلو
ماءُ کان وڇڙيل ٻار،
شهر ۾ اڪيلو.

***

ٻارن کنئي ڳُليل،
جهار هڪلڻ لاءِ،
ڪري نہ ڪوپَيلَ.

***

ٻارن جا ميڙا،
نِيبرنِ ڪين هنن جا،
روز ڪنَ جهيڙا.

***

معصوم پٽ جو لاش،
امڙ جي لڙڪن ڪي ڏسي،
روئي پيو آ ڪاش.

***

جبري پورهيو،
روز ورتو ٿو وڃي،
ٻارن کان پيو.

***

آهي يتيم ٻار،
ڪونهي ڪو غريب جو،
ڪير لهندو سار؟.

***

ڪيڏو آ ميرو،
تعليم کان وانجهيل،
هوٽل جو بيرو.

***

سڪيلڏو ٻار،
معزور پيءُ جوءِ –
گهر سڄي جو بار.

***

ٽريلو ٻار،
آهي اُڃ بُکَ تي،
ڪنهن نہ لڌي سار.

***

گريج تي ٻار،
سِکي ڪين سگهيو،
روز کائي مار.

***

ٽہ سٽا

ڄٽيو جيڏيون جوڏا،
ڏرتيءَ جي دشمنن لئہ،
وڙهندا هوشو دودا.

منهنجا پنڙا جڳ کان پيارا،
ڪڏهن نہ ڪوسو واءُ لڳين،
سنڌ امڙ جا جيءُ جيارا.

ڏسندي ڳاڙهو ٻيرُ،
ٻالڪ ڊوڙيو ٻِيرَ ڏانهن،
ترڪي پيڙس پَيرُ.

ڪانوَنِ جي ڪانءَ، ڪانءَ،
سرءُ جي موسم ٿڪل، نٻل،
ٻارن جو شَور مٿان.

ڊوڙندا رهيا ٻار،
پڪڙي نہ سگهيا پوپٽ،
مڃي ويٺا هار.

***

سنڌي الف بي جي ٽيڙو پٽي

1. الف الف، آک
ماکيءَ جي آهي،
سهڻي مَک.
2. ب بي، بَدَکَ
ونندا سين توکان،
پنهنجا حَقَ.
3. ٻ ٻي، ٻُکُ،
ياد ڪريو ٻارو
اڄ جو سبقُ.
4. ڀ ڀي، ڀِت،
چا ڀي تي پوي،
پڙهنداسين هِتِ.
5. ت تي، تارو
رات جو آڪاش ۾
تمڪي توٻارو.
6. ٿ ٿي، ٿيلهو
هل نه هلون گهمڻ،
لطيف جو ميلو
7. ٽ ٽي، ٽوپي،
پائن ٿا شوق سان
احمد ءِ گوپي.
8. ٺ ٺي، ٺوُٺ،
گهر خيال سان،
ڪرين نه هيٺ.
9. ث ثي، ثواب،
هوشيار ٻارن جو
ناهي ڪو جواب.
10. پ پي، پَکِ،
ناهي ٻڌ ساٿي،
ڊکي وارن چَکِ
11. ج جيم، جُتي،
اونداهيءَ ۾ ڪڻ
ٻاري ميڻ بتي.
12. ڄ ڄي، ڄَڄَ،
ٻاٽي بنا تر سارو
رُڄَ ئي رُڄَ.
13. جه جهي جهرڪي
پڙڪو ڏئي اڏري
ٻار پيو مُرڪي.
14. ڃ ڃي، مُڃَ،
علم کان سواءِ
سچ ئي سُڃ.

15. چ چي، چنڊُ،
ٻارو اوهان ٻاڻ ۾
تيو ڪير ڪنڊُ.
16. ڇ ڇي، ڇَتي،
ياد ڪر توٻارڙا،
الف _ ب جي پٽِي.
17. ح حي، حَجَمُ،
ماءُ پيءُ استاد جو
ٻارو مڃيو حُڪُمُ.
18. خ خي، خَچَر،
ڏاڍو آهه خراب،
مليريا مَڇَر.
19. د دال، دَرُ
ٻارن سان لڳي تو
سهڻو گهر.
20. ڌ ڌال، ڌوٻي،
اسڪول کان نه هڻ،
ڪڌهن گهوبي.
21. ڏ ڏال، ڏيڏر،
علم هوندي تون نه،
ڪنهن کان ڏر.
22. ڊ ڊال، ڊيل،
وقت جو ڪر قدر،
ايڏا نه ڏس کيل.
23. ڍ ڍال، ڍڳو
چاڻ اسڪول جو
بيل وڳو.
24. ذ ذال، ذرو
ڪوڙ کان ڪر نفرت
بالڪ ٿيءُ ڪرو.
25. ر ري، ريلَ،
ترت ٿيءُ تيار،
اسڪول وڃ سويلَ.
26. ڙ ڙي، ماڙي.
هڪ هٿ سان ڪانه،
وڄندي آ تاڙي.
27. ز زي، زنجير،
کائن ٿا ٻارڙا،
منڙو آ انجير.

28. س سين، سيٽي،
صبح جو اسڪول ۾
ٻالڪ ڪن پيا تي.

29. ش شين، شينهن،
هئين سان هنداءِ
علم سان رک نينهن،

30. ص صاد، صوف،
سنڌ اسان جي آ ،
دنيا ۾ معروف.

31. ض ضاد، ضَعيفُ
علم، ادب وارو
سڏجي تو شَريفُ.

32. ط طوئي، طوطو
لام تي ويهي هو
ٻوليون ٻولي تو.

33. ظ ظوئي، ظَالمُ
عادل ٿيندو ڪين ڪي ،
توڙي هجي عَالمُ

34. ع عين، عَينڪَ،
ڪٽي ڏي ٻالڪ،
چانهه جي چَينڪَ.

35. غ غين، غاليچو
استاد آهي مالهي،
ٻار آ باغيچو

36. ف في، فانُوس.
تعليم مان ڪڏهن،
ڪين ٿيو مايُوس.

37. ق قي، قيتو
اڄ ۾ سارو گلاس،
"سارنگ" آ پيتو.

38. ق قاف، قَلمُ
هوشوءَ ڪي آ هٿ ۾
آزادي جو عَلمُ.

39. ڪ ڪاف، ڪتو
گهر جو پهريدار آ،
ڪڏهن ڪو نه سُتو.

40. ک کي، کَٿَ،
علم جا هٿ ڪيئي
ماٽيندين ڇَٿَ.

41. گ گاف، گڏهه،
مِينهن ۾ آ تميو
غريب جو مَنهُ.

42. ڳ ڳي، ڳئون،
وچو نه ٻارو.
اسڪول ڪان وئون،

43. گهه گهي، گهوڙو
ياد ڪيو آ ٻارن،
ڏونءَ جو ڪوڙو.

44. ڱ ڱي، سڱ،
ٽڙ ڪرڻ سان،
نرن تا لڱ.

45. ل لام، لَڱڙُ،
چاڏيءَ جو لاٿو
ٻارن ڍَڱڙُ.

46. م ميم، مَسُ،
ڙَ تي ڪارا بادل،
هميشه پيو وَسُ.

47. ن نون، نَٿَ،
ماني ڪائڻ ڪان اڳ،
ڌوئيا آهن هَٿَ.

48. ڻ ڻوڻ، وَڻُ،
رڍن جو اڇي پيو
ڏس هو ڌَڻُ.

49. و واءُ، واڍو
علم واري ڪان،
ڪير ٿيندو ڏاڍو.

50. ه هي، هاٿي،
ڪُوڙ ڪي هڻ ڏوڙ
سچ وڏو ساٿي.

51. ء الف ننڍڙو
تعليم پرائڻ تا،
ٻالڪ، ٻيڙو.

52. ي يي يَڪو
پٽي تي پوري،
سبق تي ويو پڪو.

ٻارن لاءِ شاعري ۽ سگهارو نانءُ

جڏهن بہ سنڌي ادب جي وسيع ميدان تي نظر ڦيرائبي تہ گوهر سنڌي جو نالو اسان کي اُڀ تي نظر ايندو. گوهر سنڌي ٻارن جي شاعري جي حوالي سان سگهارو نانءُ آهي. مان جڏهن بہ ٻاراڻو رسالو کڻي پڙهندو آهيان، تہ ان ۾ گوهر سنڌيءَ جي ٻارڙن لاءِ شاعري يا ڪهاڻي ضرور ملندي. مان مڊل اسڪول جي دور کان وٺي گوهر سنڌيءَ کي پڙهندو پيو اچان. گوهر سنڌيءَ جون ٻارڙن لاءِ ڪيل ڪاوشون تمام گهڻيون ساراهہ جوڳيون آهن، جنهن لاءِ سنڌ جون سموريون اخبارون، رسالا ۽ ادبي سرگرميون گواهي ڏينديون تہ واقعي ئي ”گوهر سنڌي“ جو ڪم وڏو ٿيل آهي. جيڪو ان جو سرمايو آهي. جنهن کي ترتيب ڏيڻ اسان سڄاڻ ماڻهن جو ڪم آهي.

گوهر سنڌي هڪ استاد، اديب، شاعر، چترڪار، انسان دوست، قومي ۽ سماجي ورڪر پڻ آهي. سندس شاعري ٻارڙن جي نڪور جذبن جي عڪاسي ٿي ڪري. خاص ڪري ٻاراڻي شاعري ۾ قومي رنگ وڌيڪ ٿو بکي. هن جيڪا بہ تخليق سرجي آهي اها ڌرتيءَ جي گلن ڦلن، پوپٽ جا ست رنگ، سونهن، سچ ۽ سنڌ جي لاءِ ئي آهي.

جيئن هيٺين شعر مان بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

پياري پياري سهڻي سنڌڙي،
تنهنجي منهنجي آهي جندڙي،
سنڌ جي عزت منهنجي عزت،
آهي انهيءَ ۾ پنهنجي عظمت.

ساگر محمد حسين مهر
(رُڪ)

گوهر سنڌي گهڻ پاسائين شخصيت

www.sindhsalamat.com

گوهر سنڌي سان منهنجي ڏيٺ ويٺ سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان سال 1992ع کان ٿي. جيڪا پوءِ آهستي آهستي وڌندي ۽ گهاٽي ٿيندي وئي. جيڪا اڄ بہ ساڳي طرح دائم ۽ قائم آهي.

گوهر سنڌيءَ کي مون ڪڏهن علمي ادبي، تہ ڪڏهن سماجي ثقافتي تہ ڪڏهن قومي تنظيم جي پليٽ فارم تي هر وقت سرگرم عمل ڏٺو آهي. ان کان علاوه سندس مصوري بہ محبوب مشغلو رهندو اچي ٿو. مان ائين چوندس تہ گوهر سنڌي گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ آهي.

گوهر سنڌيءَ جتي وڏن لاءِ شاعري ڪئي آهي. اتي هن ٻارڙن لاءِ بہ تمام سهڻا گيت سرجيا آهن. جنهن جو هي مجموعو **”جاڳ او ٻالڪ جاڳ“** ٻارن لاءِ هڪ خوبصورت ۽ بهترين تحفو آهي. جنهن ۾ تمام سٺا موضوع کنيا آهن. جيڪي يقيناً ٻارن جي ڄاڻ ۾ چڱو خاصو اضافو ڪندا.

اميد اٿم تہ گوهر سنڌي جو هي شاعري جو سهڻو ڪتاب ”جاڳ او ٻالڪ جاڳ“ سنڌي ٻاراڻي، ادب جي تاريخ ۾ اهم جاءِ والاريندو ۽ داد حاصل ڪندو.

سميع ساجد جوڻيجو
(رتوديرو)

اُڀ تي جڻ هي تارا آهن ! !

ٻارن جي هڪ الڳ دنيا ٿئي ٿي جنهن جي چوڌاري رنگا رنگي ماحول جڙيل رهي ٿو ۽ هو راند روند ۾ رڌل هوندا آهن. ٻارن جي من ۾ سادگي، پيار، شرارت ۽ پنهنجائپ رهي ٿي. ان کان علاوه ٻار

www..sindhsalamat.com

علم کي بہ وڏي چاھہ سان حاصل ڪندا آھن! جيڪڏھن اسان پنھنجي ٻالجتيءَ واري زماني جي يادگيرين کي ذھن تي آڻيندا سين تہ اسان کي پنھنجون سيئي يادگيريون اچي ويندييون! ھڪ شاعر لاءِ اھو ضروري آھي تہ ان جي اندر ۾ جيڪو ٻار ويٺل آھي، ان کي سدائين خوبصورت ٻڻائي، سجائي ۽ سينگاري رکي، جيئن سندس تخليقن ۾ اھا ٻار واري معصوميت قائم رھي سگھي، ٻارن لاءِ ھميشہ ٻار ٿي لکڻ کپي، جيئن انھن جي جذبن احساسن جي ترجماني ٿئي ۽ ھڪ ڳالھہ اھا واضح آھي تہ ٻاراڻو ادب سرجڻ انتھائي ڏکيو عمل آھي. گوھر سنڌيءَ جون ڪوششون انھيءَ جاکوڙ جون بنيادي وکون آھن. سندس شاعريءَ ۾ ٻارن سان پيار ڪرڻ، ديس سان نينھن جا ناتا رکڻ، ٻولي، لولي، وندر ورنھن ۽ پوپٽ جي رنگن جھڙا حسين احساس اسان کي ان جي شاعريءَ مان نظر اچن ٿا. جيئن ھت خيال ھن طرح جوڙيو اٿائين.

گيت خوشيءَ جا ڳايو ٻارو
نينھن وطن سان لايو ٻارو
نفرت ناںءُ مٽايو ٻارو
نچندا ڪڏندا اچو اي ٻارو
ٽپندا ڊڪندا اچو اي ٻارو.

گوھر سنڌيءَ مٿين شعر ۾ ٻارن کي ھڪ نصيحت ڪئي آھي جنھن ۾ خوشيءَ جي گيتن جو ذڪر ڪيو آھي. ۽ وطن سان محبت رکڻ، نفرت مٽائڻ جو ذڪر پڻ ملي ٿو. نچڻ ڪڏڻ، ٽپڻ، ڊڪڻ جيڪو ٻارن جي فطرت ۾ شمار ٿئي ٿو. ان کي گوھر سنڌي سٺي ڪاريگريءَ سان بيان ڪري ويو آھي. ان علاوہ ڌرتيءَ جي ٻارن سان پيار ڪرڻ جو اظھار ھيٺين شعر ۾ ملي ٿو.

سنڌڙيءَ جا ھي پيارا ٻار،
وڻن پيا ھي سارا ٻار،
ٻاڻ ۾ سارا ٻائر آھن،
اُڀ تي چڻ ھي تارا آھن!
سنڌڙيءَ جا ھي پيارا ٻار.

شاعر ڌرتيءَ جي ٻارن سان پيار ڪري ٿو ھن کي ديس جا ٻار پيارا لڳن ٿا. شاعر فطرتي طور ان احساس ۾ رھي ٿو تہ ديس جا ٻار ٻاڻ ۾ ٻائر آھن. اھي ڪائنات جي سونھن آھن. ٻار ان جي نظر ۾ آڪاش جا ستارا آھن. اھڙي قسم جا خيال معصوم ٻارن جي تربيت ڪرڻ لاءِ ڪارآمد ثابت ٿيندا. وقت جي حوالي سان گوھر سنڌيءَ جو ھڪ نظم آھي، جيڪو ھن طرح آھي:

وقت سان ٻالڪ پيار ڪندو ڪر،
علم سندو اظھار ڪندو ڪر،
وقت سان گڏجي جيڪو ھلندو
سو ئي ”گوھر“ منزل رسندو.

مٿين نظم جي بندن ۾ شاعر وقت جي قدر ڪرڻ جي ڳالھہ ڪئي آھي، وقت جو وھڪرو سدائين ھڪ جھڙو نہ رھندو آھي. ڪڏھن اھنجو تہ ڪڏھن سھنجو. ان حوالي سان وقت سان پيار ڪرڻ کپي. ان کي ائين ضايع نہ ڪجي ۽ سالڪن جي صحبت ۾ رھي علم جو ئي اظھار ڪجي. جنھن مان زندگيءَ جون واٽون اسان کي ملن ٿيون. بھرحال گوھر سنڌيءَ جو ٻاراڻي ادب ۾ ھي شعري مجموعي ”جاڳ او ٻالڪ جاڳ“ ھڪ تمام وڏو اضافو آھي. ان کي ٻار شوق سان پڙھندا ۽ ٻاراڻن ٻولن مان نصيحت پرائيندا. جيڪا شاعر سان گڏ اسان سڀني علم پرور ۽ تخليق ڪارن جي ڪوشش ھوندي آھي..!

وحيد محسن
(شڪارپور)

سنڌي ٻاراڻي ادب جو خوبصورت شاعر گوھر سنڌي

لکڻ زندگي، زندگي ڪيئن ڇڏجي، لکڻ بندگي، بندگي ڪيئن ڇڏجي.
ڏکيءَ ڪان ڏکيو عشق اکرن جو آ، رکي دوستي، دوستي ڪيئن ڇڏجي.
(استاد بخاري)

جنھن بہ ٻولي ۾ ادب جا ليکڪ، شاعر ۽ ڪھاڻيڪار موجود

هوندا آهن. اهو ادب زنده رهندو آهي. اڄ به سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ ڪيترائي اديب، ليکڪ، شاعر، ڪهاڻيڪار موجود آهن. جيڪي ٻاراڻي ادب جي ترقي ۽ واڌ لاءِ لکي رهيا آهن. انهن ۾ گوهر سنڌي به هڪ آهي. جيڪو سنڌي ٻاراڻي ادب کي اڳتي آڻڻ لاءِ ڪافي وقت کان لکي رهيو آهي. گوهر سنڌي هميشه سنڌ جي مظلوم ٻارن جي حقن جي ڳالهه پنهنجن خوبصورت لکڻين ۾ ڪئي آهي.

هو هڪ جاڪوڙي ڪردار آهي، جيڪو پنهنجي وس آهر سموري سنڌ جي ٻارن ۾ تعليمي ۽ ادبي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ پروگرام ڪوٺائي رهيو آهي. جيڪو هن وقت ٻالڪ ادبي فورم سنڌ جو مرڪزي اڳواڻ آهي. هو ٻالڪ ادبي فورم سنڌ کي وڌيڪ مضبوط ۽ اجاگر ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي. سنڌي ٻاراڻي ادب جو خوبصورت شاعر، ليکڪ، ڪهاڻيڪار گوهر سنڌي هن وقت به ٻارن لاءِ سهڻا، سهڻا نظم، گيت، بيت لکي رهيو آهي.

گوهر سنڌي جا هن وقت به گيت رستم ڪان ويندي مومل جي ماڙي جي ٻارن تائين گونجي رهيا آهن. هن پنهنجي شاعري ۾ علم، ادب سان گڏ پيار، پريت، امن، اتحاد ۽ ٻڌي جي ڳالهه ڇيئي آهي. گوهر سنڌي جيڪو سنڌ جي پيارن پيارن ٻارن لاءِ ٻاراڻي شاعري جو ڪتاب "جاڳ او ٻالڪ جاڳ" لکي تمام وڏو ڪم ڪيو آهي. جنهن سان سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ ضرور اضافو ايندو. گوهر سنڌ جيڪي نظم، گيت، چئو سٽا، هائيڪا، ٽيڙو ۽ ٻاراڻا ٻول لکيا آهن. اهي سنڌ جي اٻوجهه ٻارن جو آواز آهن. هن جي شاعري ٻارن لاءِ سراسر نصيحت آهي. منهنجي دعا آهي ته گوهر سنڌي هميشه سنڌي ٻارن لاءِ لکندو رهي ۽ هي ڪتاب "جاڳ او ٻالڪ جاڳ" ضرور سنڌي ٻارن ۾ مقبول ٿيندو. سنڌ جا ٻار هن جي ٻالڪ شاعريءَ

مان حظ حاصل ڪندا رهندا، خاص الف بي جي پٽي ۽ الف بي جا ٻاراڻا ٻول ته ڪتاب جي جان آهن ۽ سونهن ۾ نواڻ آهي.

آءٌ ويجهڙ ۾ شايع ٿيل ٻارن جي شاعريءَ جي ڪتابن ۾ اهڙي نواڻ نه ڏٺي ۽ نه ئي پڙهي آهي. قومي شاعر گوهر سنڌي کي جس هجي جو هن پنهنجي محنت ۽ جدوجهد سان ٻاراڻي ادب جي نظم واري حصي ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

عبدالحي پتو (**مومل جي ماڙي**)

آدرشي جذبن سان زندگيءَ جا پل گهاريندڙ شاعر

محترم گوهر سنڌي ۽ مان هڪ ئي شهر جا هجڻ ڪري هڪٻئي کي ننڍي هوندي کان سڃاڻون، پر گوهر سنڌي سان اسان جو گهرو واسطو اڄ کان ويهارو سالن اڳ ان وقت ٿيو. جڏهن مان لطيف سنگت جو ميمبر ٿيم، هي سياسي ادبي حوالي سان اسان جو استاد رهيو آهي. اڪثر ٻارڙن جي لطيف سنگت جي گڏجاڻين ۾ سياست، ادب ۽ اخلاقيات جي باري ۾ سمجهائيندو رهندو هو. هن سان نظرياتي ٽڪراءُ ڪڏهن به نه رهيو آهي. اسان جي دُعا آهي ته شل استاد گوهر سنڌي ادب جي وسيع ميدان ۾ ڪيئي منزلون ماڻي قوم ۽ ڌرتي جا قرض لاهيندو رهي. ۽ هميشه اهڙن ئي آدرشي جذبن سان زندگيءَ جا پل گهاريندو رهي.

در محمد مهر (**رستم**)

گلن جي قاتلن جون دليون پٿر جون ٿي ويون

سنڌ جي گلدستي،
شهر لاڙڪاڻي، ۾ جڻ هر روز
معصوم ابهم گلن جهڙن ٻارڙن
جو اجتماعي قتل ٿي ٿو.......
قاتلن جي ڀيانڪ شڪل
شهرين، امڙين، ڀينرن، ڀيئرن،
۽ ٻائرن جو ساهه مٺ ۾،
اَٽڪي ڇڏيو آ.......
قانون لاڳو ڪندڙن جا جڻ ڪنهن،
چپ سبي ڇڏيا هجن،
وحشين، دردن، ٻچڙن، قاتلن، حيوانن،
بگهڙن پنهنجا خوني چنبا،
معصومن جي خون ۾ لال ڪري،
خوف جي فضا ڦهلائي ڇڏي آ،
هر حساس مند جي اک آلي آ،
ڪنهن به ٿيندڙ ظلم تي،
آقائن جي اک پِني ئي نٿي ٿئي،
هنن جون دليون جڻ پٿر جون هن،
ڌڙڪن ئي نٿيون،
آڪاش ۽ زمين،
بي ڏوهه قتل تي،
سڏڪي، سڏڪي نيرٽا وهائن،
قاتلن جا پيرا گم ٿيندا ٿا وڃن،
قانوني گماشتا
سائرن وڄائيندڙ گاڏين ۾ ويٺل،
انڌن، ٻوڙن، گونگن، لولن، لنگڙن،
ڪرسي پرستن ڪي،
صرف پروٽوڪول ڏيڻ ۾ پورا آهن.

گوهر سنڌي ۽ ٻارڙن جا ٿهڪ

* فلسطين جي جڳ مشهور شاعر محمود درويش ڪي جڏهن ننڍي عمر ۾ ڌرتي ڇڏڻي پئي ته هو لبنان، اردن ۽ شام جي ڪئمپن ۾ جوان ٿيو. تنهن لکيو هو ته سيني کان وڏيڪ زندگيءَ جو خوبصورت حصو ٻالڪپڻو آهي پر آءُ انهيءَ عمر ۾ پنهنجي ڌرتيءَ کان ڌار ٿيس نه هڪ جيڏن سان گڏجي ٻاراڻا گيت ڳائي سگهيس ۽ نه وري پنهنجي ڌرتيءَ جي چيڪي مٽيءَ جي ٺڪر واري رانديڪن سان کيڏي سگهيس، خوشنصيب آهن اهڙا ٻار جيڪي آزاديءَ سان پنهنجي ڌرتيءَ تي ٻالڪپڻ جا سمورا روپ سروپ پسي سگهن ٿا.

سنڌ نه فلسطين آهي ۽ نه وري هن ڌرتيءَ جا ٻار محمود درويش جهڙو درد محسوس ڪري سگهن ٿا. ٻارڙن جي مرڪن ٽهڪن ٻوليءَ ۽ لوليءَ جي لهجي کي وڏيڪ مضبوط ۽ محفوظ ڪرڻ لاءِ اسان جي جاکوڙي ۽ دلبر دوست گوهر سنڌيءَ ڌرتيءَ جي ٻارڙن کي جاڳائڻ لاءِ "جاڳ او ٻالڪ جاڳ" جي سري هيٺ ٻارڙن لاءِ جيڪو گلدستو پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ الف ب جي اُچارن سميت مختلف رنگ شامل آهن، ان لاءِ ئي ته ترڪيءَ جي انقلابي شاعر ناظم حڪمت جو چوڻ آهي ته زندگيءَ ۾ جيڪي شخصيتون گلابن جي هڳاءَ جهڙيون لڳنديون آهن، انهن ۾ استاد ۽ مالهي سدائين خوبصورتي ڦهلائيندا آهن مالهي ظاهري خوبصورتي وڌائي ٿو ۽ استاد انسان جي اندروني خوبصورتي وڌائڻ ۾ ڪردار ادا ڪندو آهي. اسان جو دوست گوهر سنڌي استاد سان گڏو گڏ خوبصورت تخليقڪار به آهي. جنهن ٻارڙن کي هن ڪتاب ۾ آسان ۽ صفا سوليءَ ٻوليءَ ۾ نه رڳو شخصيتن، ماڳن مڪانن، پنهنجي ٻوليءَ جي لهجي بابت ڄاڻ ڏني آهي. پر ٻارڙن جي تفريح جو به خيال رکيو آهي.اميد نه پر پڪ آهي ته گوهر سنڌي پنهنجي ذات ۽ ڏانءَ ذريعي ٻاراڻي ادب ۾ اهڙا خوبصورت گلدستا سجائي ٻوليءَ ۽ لوليءَ جي سونهن ۾ واڌارو ڪندو رهندو.

خواجا ذوالفقار (سکر)

سنڌسونهاري ٻين خطن جيان علم ادب ۾ پاڻ ري رهندي پئي اچي ۽ شعر و سخن ۾ پاڻ ملهائيندي پئي اچي. سنڌ جا عالم، اديب ڏاها ۽ شاعر پنهنجي تخليقي سگهه ذريعي سنڌي ادب جي خدمت ڪندا پيا اچن. اهڙي طرح انهن اديبن، شاعرن مان اسان جي سنڌ ڌرتيءَ جي مٽيءَ مان ڳوهيل ۽ مٽيءَ جو مان اونچو رکندڙ گوهر سنڌي ٻہ هڪ آهي. جنهن ادبي کيتر ۾ نثر سان گڏ و گڏ نظم ۾ بہ نالو ڪمايو آهي. خاص طور ٻارڙن لاءِ شاعري ۾ تہ ڪمال ڪيو اٿس.

تازو سونهن پبليڪيشن خيرپور (پريالوءِ) جي طرفان سال 2014ع ۾ صوفياڻي شاعري جو مجموعو ”نينهن ڪيو نروار“ عورتن جي حقن جي حوالي سان شاعري مجموعو ”چنڊ روئي ڏنو“ ان کان علاوه غلام محمد غازي جي شاعري جو مجموعو ”تند تنوار“ ۽ گوهر سنڌي جي ٻارڙن لاءِ لکيل شاعري جي مجموعي ”جاڳ او ٻالڪ جاڳ“ جي پهرين ڇاپي جي گهڻي ڪاميابيءَ کان پوءِ، ٻارن جي شاعريءَ مجموعو ”جاڳ او ٻالڪ جاڳ“ ٻارڙن ۽ سندن والدين جي گهڻي (ڊمانڊ) گهرج مطابق واڌارو ۽ سڌارو آڻيندي، هڪ دفعو ٻيهر سونهن پبليڪيشن خيرپور (پريالوءِ) طرفان ڇپايو ويو آهي. مون کي اميد آهي هي ٻيو ڇاپو اوهان کي اڳين ڇاپي جيان پسند ايندو. جنهن مان اسان جي سنڌ جا سهڻا ٻالڪ سندس شاعريءَ مان گهڻو حظ حاصل ڪندا.

وڏيڪ پڙهندڙن تي ڇڏجي تہ هو پنهنجا خيال ۽ رايا ڪيئن ٿا پيش ڪن اسان کي اوسئيڙو رهندو.